# ڏارين ٻولين جون ڪهاڻيون

**مترجم غلام بني ميمڻ**

ايڊيشن پهريون 1981

**سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو**

# فهرست


| موضوع | صفحو نمبر |
|---|---|
| هار ،موپاسان ،مترجم غلام نبي ميمڻ | 2 |
| ٽي سوال، ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ ، مترجم : غلام نبي ميمڻ | 13 |
| ٽي نصيحتون ، ٽالسٽاءِ ، مترجم : غلام نبي ميمڻ | 19 |
| نوڙيءَ جو ٽڪر ، موپاسان ، مترجم : غلام نبي ميمڻ | 30 |
| پٽيوالو،عزيز ملڪ ،مترجم : غلام نبي ميمڻ | 36 |
| زندگيءَ جو رانديڪو، رابندر ناٿ ٽيگور ، غلام نبي ميمڻ | 39 |

## موپاسان

## مترجم غلام نبي ميمڻ

# هار

هوءَ انهن سهڻين ڇوڪرين مان هڪ هئي، جي بدقسمتيءَ سان هٿ جو پورهيو ڪرڻ وارن غريب گهراڻن ۾ پيدا ٿينديون آهن. هن ڪي ڏاج ۾ نه ڪجهه مليو هو ۽ نه وري ڪا ملڻ جي اميد هئي. هن وٽ شهرت حاصل ڪرڻ، محبت ڪرڻ ۽ ڪنهن امير ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ جا ڪي به ذريعا نه هئا. انهيءَ ڪري هن هڪ معمولي ماڻهوءَ سان شادي ڪئي، جيڪو تعليم کاتي ۾ هڪ معمولي ڪلارڪ هو.

سندس طبعيت به نهايت سادي هئي، ڇو ته سادگيءَ کان مٿي چڙهڻ جو هن کي ڪڏهن ڪو موقعو ئي نه مليو هو. هوءَ ڏاڍي غمگين رهندي هئي. سندس خيال هو ته عورت جي چونڊ ۾ ذات پات ۽ گهراڻي جو ڪو سوال ئي نه هئڻ گهرجي. عورت جي سونهن ۽ معصوميت ئي سندس شرافت جي ضامن هوندي آهي. سندس طبعيت جي نزاڪت ۽ پاڪائي، سمجهداري ۽ سنوپرائي اهي صفتون ئي سندس چڱي هجڻ جون شاهد هونديون آهن، ۽ اِهي ئي صفتون هڪ وڏي خاندان جي ڇوڪريءَ ۽ هڪ ننڍي گهراڻي جي غريب ڇوڪريءَ کي هڪ ئي درجي تي آڻي بيهارينديون آهن.

هوءَ ڪيترائي سور سختيون سهندي رهي، رڳو انهيءَ اميد تي ته هڪ نه هڪ ڏينهن سک ۽ سلامتيءَ جي زندگي ضرور سندس استقبال ڪندي.

هن کي پنهنجي نئين گهر جي غريبي حالت ڏسي، ڏاڍو صدمو پهچندو هو. اُن جون پراڻيون ڀتيون، ڀڳل ۽ ڇنل ڪرسيون ۽ کهرا اڻ وڻندڙ پردا، اهي شيون ڏسي، هن جي روح کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. ٿي سگهيو ٿي ته اهڙي قسم جون گهٽ درجي واريون شيون سندس درجي واريءَ ڪنهن ٻيءَ عورت لاءِ تڪليف جو سبب نه هجن، پر مادام لائٽريءَ جي دل انهن کي ڏسي هميشه پئي ڪڙهندي هئي، ۽ انهي ننڍيءَ ڇوڪريءَ جي حالت ڪان متاثر ٿي، جيڪا سندس ننڍڙي گهر ۾ ڪم ڪار ڪرڻ ايندي هئي، سندس دل ۾ عجيب عجيب خيال پيدا ٿيندا هئا ۽ سندس دماغ ۾ مايوس ڪندڙ خواب جنم وٺندا رهندا هئا. ڪڏهن سندس خيال جو پکي مشرقي انداز ۾ سينگاريل انهن ڪمرن تائين پهچي

ويندو هو، جي پتل جي وڏن وڏن شمعدانن ۾ رکيل مشعلن سان روشن ٿيندا آهن. ۽ جتي ٻه قداور نوجوان، زال مڙس گوڏن تائين گرم شالن ۾ ويڙهيا، پاڻهن وارين ويڪرين آرام ڪرسين تي ڍڳها ٿيا، گرم گرم هوا ۾ آرام سان ليٽيل نظر ايندا هجن. ڪڏهن هوءَ انهن ديوان خانن جو خيال پنهنجي ذهن ۾ آڻيندي هئي، جن ۾ پراڻي نموني جا ريشمي پردا لڙڪي رهيا هجن، جي تمام سهڻي فرنيچر سان سينگاريل هجن. ۽ جتي ننڍا ننڍا وڻندڙ سرهاڻ ڀريل ڪمرا هڪ هڪ، ٻن ٻن ويجهن دوستن جي رهڻ لاءِ جدا جدا تيار ڪيا ويا هجن.

جڏهن هوءَ ڪاڏي واري انهيءَ گول ميز تي پنهنجي مڙس جي اڳيان ماني کائڻ ويهندي هئي، جنهن تي ٽن ڏينهن جو ميرو ميز پوش وڇايل هوندو هو، ۽ پوءِ جڏهن مڙس ٻوڙ جي ڍاڪڻ تان ڍڪ لاهي، خوشيءَ واري لهجي ۾ چوندو هو، ڪهڙي نه لذيذ ڀاڄي آهي، هن کان وڌيڪ ٻي مزيدار شئي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!“ ته سندس دل ۾ هڪدم لذيذ طعامن، چمڪندڙ ۽ قيمتي ٿانون ۽ اهڙين چٽيل ڳلن وارين ڀتين جو خيال اچي ويندو هو. جن تي پراڻي زماني جي ماڻهن جون ۽ ساون ساون ٻيلن ۾ رهندڙ سهڻن ۽ نازڪ پکين جون تصويرون نڪتل هجن.

هن وٽ نه سٺا ڪپڙا هئا، نه قيمتي زيور ۽ نه وري دل کي ڇڪيندڙ ڪا ٻي شئي هئي. اُهي سڀ اهڙيون ضرورتون هيون، جن کي هوءَ ايترو ته پسند ڪندي هئي، جو سندس خيال هو ته اُهي سڀ شيون ڄڻ ته پيدا ئي هن جي لاءِ ٿيون هيون. سندس وڏي تمنا هئي ته هوءَ سهڻي هجي، وڻندڙ هجي، ۽ ماڻهو ڪيس دل سان چاهين ۽ مٿس اکين ڇڪن هجن.

شاگرديءَ جي زماني ۾ سندس هڪڙي امير ساهيڙي هئي، جنهن وٽ هن هاڻي اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو هو. ڇو ته ان وٽان جڏهن گهمي گهر ايندي هئي، تڏهن پنهنجي افسوسناڪ حالت ۽ بدقسمتيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيندي ڳاڙيندي، سڄو ڏينهن گذري ويندو هوس.

هڪڙي ڏينهن شام جو سندس مڙس خوش ٿيندو گهر آيو، هن جي هٿ ۾ هڪڙو وڏو لفافو هو، چوڻ لڳو، ڏس هن ۾ تنهنجي لاءِ ڪا شئي آهي!“

هن يڪدم لفافو وٺي کوليو، اندران هڪ لکل ڪارڊ ڪڍيائين، جنهن تي هي لفظ لکيل هئا: ”وزير تعليم ۽ مادام ’رمپان‘ 18 جنوريءَ تي سومر جي ڏينهن شام جي دعوت طعام ۾ موسيو ۽ مادام لائنريءَ جي شرڪت لاءِ ٿورائتا ٿيندا.“

موسيو لائنريءَ کي اميد هئي ته مادام لائنري هن دعوتنامي کي ڏسي گهڻو خوش ٿيندي، پر هن ڏاڍيءَ تڪڙ ۾ اهو لفافو ڪڍي ميز تي ڦٽو ڪيو، ۽ ورچي چوڻ لڳي،

”مان هيءُ وٺي ڇا ڪنديس؟“

”چو پياري، منهنجو ته خيال هو ته تون هي ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندينءَ، تون ڪڏهن به ڪنهن دعوت ۾ نه وئي آهين؟ ۽ هي ڏاڍو سٺو وجهه آهي، مون کي ته دعوتنامي هٿ ڪرڻ ۾ ڏاڍي تڪليف وٺڻي پئي. هر ڪنهن جي سڌ هئي ته اهڙيءَ دعوت ۾ شامل ٿيڻ جو مانُ ڪيس ملي. ويچارن ڪلارڪن مان ته شايد ئي ڪو اهڙو خوش قسمت هوندو، جو اهڙيءَ شاندار دعوت ۾ ڪڏهن ويو هجي. تون اُتي تمام وڏا وڏا ماڻهو ڏسندينءَ.“

هن پنهنجي اداس ۽ آلين اکين سان پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريو. پوءِ بيوس ۽ پريشان ٿي چيائين،

”اهڙيءَ دعوت ۾ مان ڪهڙا ڪپڙا پائينديس؟“

موسيولائنريءَ انهيءَ ڳالهه تي اڳ ۾ ڪڏهن به نه سوچيو هو، سو هٻڪي چوڻ لڳو ”ها، اُهي ئي ڪپڙا، جيڪي تون ٿئيٽر تي پائي ويندي آهين، مون کي ته اهي ڏاڍا وڻن ٿا...!“

بڪدم ٻه وڏا ڳوڙها مادام لائنريءَ جي اکين جي ڪُندن مان ڳڙي سندس ڳلن تي اچي ڪريا. جڏهن موسيولائنريءَ پنهنجي زال کي روئندي ڏٺو، تڏهن ڪجهه وائڙو ٿي ويو. هن ڪجهه هٻڪندي پڇيو،

”توکي ڇا ٿي ويو.... ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

ڏاڍي مشڪل سان مادام پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ پنهنجي سهڻن آلن ڳلن کي اگهندي، ويئل آواز ۾ چوڻ لڳي، ”ڪجهه نه، رڳو انهيءَ ڪري، جو مون وٽ ڪپڙا ڪونهن. مان دعوت ۾ وڃي نٿي سگهان. هي دعوتنامو پنهنجي ڪنهن اهڙي دوست جي زال کي ڏيو، جيڪا اتي وڃڻ لاءِ مون کان وڌيڪ سٺي نموني تيار ٿي سگهي.“

اهي لفظ ٻڌي، موسيو جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا، ۽ هو ڏاڍيءَ اڪير سان پڇڻ لڳو”پياري! ٻڌاءِ ته سهي، هڪ سٺو وڳو گهٽ ۾ گهٽ ڪيتري رقم کائي ويندو؟ اهڙو وڳو هجي، جيڪو تون ٻين دعوتن ۾ به پائي سگهين.“

قيمت جي ڪاٿي ڪرڻ لاءِ مادام ڪيترو وقت سوچيو. هن چاهيو ٿي ته ڪا ايتري مناسب رقم هجي، جنهن جي گهرڻ سان ڪيس انڪار جو منهن ڏسڻو نه پوي، ۽ ٻيو ته اهڙي هوند واري ڪلارڪ جي لاءِ

پريشانيءَ جو باعث نه بڻجي. آخرڪار هيڪي هيڪي چيائين، ”مان پڪيءَ طرح ته چئي نٿي سگهان پر اندازو آهي ته چار سو فرئنڪن ۾ ڪم ٿي ويندو.“

چار سو فرئنڪن جو ٻڌي، موسيولائٽريءَ جو منهن ڪجهه پيلو ٿي ويو، ڇو ته هن وٽ بلڪل ايتري رقم موجود هئي ۽ اُها هن هڪ بندوق خريد ڪرڻ لاءِ بچائي رکي هئي. سندس خيال هو ته هو گرميءَ جي ايندڙ موسم ۾ ”نانيٽري“ جي ميدان ۾، انهن دوستن سان چنڊول جو شڪار ڪرڻ ويندو، جيڪي هر آچر تي اوڏانهن ويندا هئا. هن چيو، ”تون فڪر نه ڪر، مان توکي چار سو فرئنڪ ڏيندس. انهي رقم مان ڪو سٺو سوٽ تيار ڪرائجانءِ!“

دعوت وارو ڏينهن ويجهو اچي ويو. مادام لائٽري ڪجهه غمگين، بي آرام ۽ پريشان رهڻ لڳي. سندس وڳو تيار ٿي چڪو هو. هڪڙيءَ شام جو سندس مڙس ڪانئس پڇڻ لڳو، ”ڪهڙي ڳالهه آهي؟ گذريل ٽن ڏينهن کان تنهنجي حالت ڪجهه پريشان آهي؟“ هن وراڻيو، ”ظلم آهي، مون وٽ پائڻ لاءِ زيور آهن ئي ڪين. زيورن کان سواءِ منهنجي عزت ذري جيتري به ڪانه ٿيندي. مان چاهيان ٿي ته مان اوڏانهن وڃان ئي نه.....!“

موسيولائٽريءَ چيو، ”گلن جا هار ڪٺي پاءِ. هن موسم ۾ ته اهي ڏاڍا تازا ۽ سٺا لڳندا آهن. ڏهن فرئنڪن ۾ تون شوخ رنگ گلن جا ٻه ٽي دل کي ڏاڍا وڻندڙ هار خريد ڪري سگهين ٿي!“

هوءَ انهيءَ ڳالهه تي راضي نه ٿي ۽ چوڻ لڳي، ”نه، شاهوڪار عورتن جي پريل مجلس ۾ گلن جا هار پائي وڃڻ سان انهيءَ کان وڌيڪ حقارت ۽ نفرت واري ٻي ڪابه شئي نه آهي!“

سندس مڙس حيران ٿي چيو، ”تون ڪهڙي نه نادان آهين...! مادام فوريستيءَ ڏي وڃ ۽ انهيءَ کان چند زيور اڌارا وٺي اچ. توکي ته هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻي نه؟“

هن خوشيءَ مان هڪڙي رڙ ڪئي ۽ چوڻ لڳي، ”ٺيڪ آهي، مون کي ته ان جو ڪڏهن خيال ئي نه آيو. ٻئي ڏينهن هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ ڏانهن وئي ۽ کيس پنهنجي حال کان واقف ڪيائين. مادام فوريٽي سينگار ميز مان هڪڙو وڏو دٻلو ڪڍي آئي، مادام لائٽريءَ جي اڳيان رکيائين، ۽ کولي چوڻ لڳي، ”پياري، هن مان جيڪي زيور وٺئي سي پسند ڪر؟“

مادام لائٽريءَ پهريائين ته سيني زيورن کي ڏٺو، پوءِ موتين جو هڪ هار ۽ انهيءَ کان پوءِ چمڪندڙ هيرن سان جڙيل هڪ زيور ڏٺو، انهيءَ کان پوءِ هوءِ هڪ هڪ ڪري، پائي آئيني ۾ ڏسڻ لڳي ته ڪهڙو

وڏيڪ سونهين ٿو. پر هوءَ پوريءَ طرح فيصلو ڪري نه سگهي ته ڪهڙي زيور جي چونڊ ڪري. چوڻ لڳي، ”هنن ڪان سواءِ تو وٽ ڪي ٻيا زيور به آهن؟“ مادام فوريستي چوڻ لڳي، ”ها، ٻيا به آهن. اچي هي وٺ توکي جيڪو پسند اچي، اهو کڻ.“ اوچتوئي سندس نظر وچي هڪ ڪاري دٻلي تي پيئي، جنهن ۾ موتين جو هڪ عاليشان هار پيو هو. سندس دل لالچي نموني ٽپا کائڻ لڳي ۽ جڏهن هن اهو هٿن ۾ کنيو، تڏهن سندس هٿ ڏڪڻ لڳا.

هن اهو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتو ۽ آئيني جي اڳيان بيهي پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ لڳي؛ ۽ دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي، چوڻ لڳي، ”چا، تون هيءَ هار اڌارو ڏئي سگهندينءَ؟ صرف هڪڙو هيءُ هار!“

”بيشڪ کڻي وڃ.“

مادام لائنري، پنهنجي ساهيڙيءَ کان ڀاڪر پائي، موڪلائي هار کڻي آئي.

دعوت وارو ڏينهن اچي ويو. مادام لائنري پنهنجي تياريءَ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. هوءَ ئي سڀ کان سهڻي وڻندڙ ۽ شانائتي نظر اچي رهي هئي ۽ خوشيءَ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري رهي هئي. سيني جون نظرون هن تي ڄميل هيون. سيئي سندس نالو پڇي رهيا هئا. سيئي هن سان واقفيت وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سيئي نائب سيڪريٽري هن سان ناچ ڪرڻ لاءِ آتا نظر اچي رهيا هئا. خود وزير به هڪ ڀيرو هن ڏانهن ڏسي ورتو.

هوءَ ناچ ڪندي، چري ٿي پيئي ۽ خوشيءَ مان پيالي مٿان پيالو پي رهي هئي. پنهنجي سوڀيا جي خيال ۾، پنهنجي سينگار جي فخر ۾ پنهنجي ساراهه جي لفظن تي ۽ پنهنجي اُنهيءَ ڪاميابيءَ تي، جن ۾ سندس عورتاڻي دل جي لاءِ بي انداز خوشي هئي، هوءَ انهيءَ وقت ٻي سڄيءَ دنيا کان بلڪل بيخبر هئي.

هوءَ صبح جو چئين تائين نچندي رهي. اڌ رات کان وٺي سندس مڙس هڪڙي ننڍڙي بي رونق ڪمري ۾، ٽن ٻين ماڻهن سان اوجهراڻيون ڪائي رهيو هو، جن جون زالون به انهيءَ محل ۾ مزا ڪري رهيون هيون.

******

موسولائنري مادام کي روڪيو ته پيادل نه هلڻ گهرجي. ۽ چوڻ لڳو ته، ”اتي بيهه ته مان بگي ڪري اچان، متان توکي ٿڌ نه لڳي وڃي.“ پر مادام سندس ڳالهه ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏي. ڏاڪڻ تان جلدي

جلدي هيٺ لهي آئي. جڏهن گهٽيءَ ۾ پهتا ته ڪين ڪابه بگي نظر نه آئي. هو ڳولڻ لڳا. جڏهن به ڪا بگي لنگهي ٿي، ته هنن وٽي ٿي رڙيون ڪيون پر ڪابه بگي هنن کي ملي نه سگهي.
نيٺ مايوس ٿي، هو درياءَ "سين" طرف هلڻ لڳا. گهاٽ تي ڪين هڪڙي پراڻي بگي آئي. اهڙي قسم جون بگيون پئرس ۾ اڪثر رات جي اونداهيءَ ۾ ئي هلنديون آهن. ڇاڪاڻ جو پراڻيون هجڻ جي ڪري ڏينهن جو هلڻ ۾ ڪين شرم ٿيندو آهي.
بگي ڪين ڪٽي آئي. هو پنهنجي ڪمري ۾ هليا ويا. هن آئيني جي اڳيان اچي هڪ ڀيرو وري به پنهنجي حسن جي دلڪشي ڏٺي ۽ پوءِ ڪپڙا بدلايائين. اتي اوچتو سندس وات مان رڙ نڪري ويئي. هار سندس ڳچيءَ مان گم هو......
موسيولائنري، جنهن اجا اڌ ڪپڙا مس بدلايا هئا، يڪدم پڇڻ لڳو، "ڪهڙي ڳالهه آهي؟"
هوءَ اُن ڏانهن منهن ڪري بيٺي ۽ ڏاڍي مشڪل سان چيائين، "مادام فوريستيءَ جو هار ڪٿي گم ٿي ويو"
موسيو ڪان عجب ۾ ڇرڪ نڪري ويو، "ڇا!..... ائين ڪئين ٿو ٿي سگهي؟"
انهن گڏجي ڪپڙن جي تهن ۽ کيسن کي چڱيءَ طرح ڏٺو پر هار نه لڌو.
موسيولائنري پڇڻ لڳو، "توکي اهو چڱيءَ طرح ياد آهي ته هال مان جڏهن ٻاهر نڪتينءَ، ته هار تو وٽ موجود هو؟"
"ها، ها، هال ۾ مون ان کي هٿ لائي ڏٺو هو."
"ته پوءِ جيڪڏهن واٽ تي ڪٿي ڪري ها، ته ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌون ها؟"
"ڀلا توکي بگيءَ جو نمبر ياد آهي؟"
"نه، توکي به ياد ڪونهي؟"
"نه_!"
هو هڪٻئي کي وائڙا ٿي ڏسڻ لڳا. آخر موسيولائنريءَ وري ڪپڙا بدلايا ۽ چوڻ لڳو،"اسان جن جن رستن تان آيا آهيون، انهن تي وڃي ٿو ڏسان، شايد هار ڪٿان لڀي پوي!
هو ٻاهر نڪري ويو. مادام لائنري رات واري وڳي ۾ ئي ويهي رهي. هن ۾ هينئر بستري تي ليٽڻ جي به طاقت نه رهي هئي. هوءَ ڪرسيءَ تي ئي بدحواس ٿي پئجي رهي.

ستين بجي صبح جو سندس مڙس مايوس ٿي موٽي آيو. هن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو. اخبارن ۾ انعام آڇيو، مطلب ته جتي جتي هن کي اميد نظر آئي، اتي ويو. مگر ڪجهه به نه وريو.

انهيءَ ڳالهه جا ويچار سڄو ڏينهن مادام لائنريءَ جي اکين آڏو ڦرڻ لڳا. هوءَ سڄو ڏينهن گهٻراهٽ ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ مڙس جو انتظار ڪندي رهي. شام جو موسيولائنريءَ گهر پهتو. سندس منهن لٿل هو. هار جي ڪا خبر پئجي نه سگهي. هن چيو "تون پنهنجي ساهيڙيءَ کي لکي ڇڏ ته هار جي زنجير ٽٽي پئي آهي ۽ اها مرمت لاءِ ڏني اٿم. اهڙيءَ طرح اسان کي سوچڻ لاءِ وڌيڪ وقت ملي ويندو."

اهڙيءَ طرح هو خط لکائيندو ويو ۽ مادام لکندي وئي. هڪ هفتي کان پوءِ هو بلڪل نا اميد ٿي پيا.

موسيولائنريءَ چيو، "هاڻي اهڙو ٻيو ڪو هار هٿ ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي."

ٻئي ڏينهن هار وارو دٻلو کڻي هو انهيءَ جوهري وٽ ويا جنهن جو نالو دٻلي جي اندر لکيل هو. جوهريءَ ڏسي چيو ته "مادام، اهڙو هار مون ڪڏهن به ڪونه وڪيو آهي. مون شايد موتي پوئڻ لاءِ زنجير ٺاهي هوندي."

نا اميد ٿي، هو اهڙو ٻيو ڪو هار ڳولڻ لاءِ ٻين جوهرين وٽ ويا. آخرڪار ڪين هڪڙي دڪان تي ساڳئي نموني جي موتين جي لڙهي نظر اچي ويئي. انهيءَ جي قيمت چاليهه هزار فرئنڪ هئي. سودو ڇٽيهه هزار فرئنڪن ۾ چڪايو ويو.

هنن جوهريءَ کي چيو ته هو ٽن ڏينهن تائين اهو هار ڪنهن کي نه وڪڻي؛ ۽ اهو شرط به وڌائون ته جيڪڏهن سندن وڃايل اهڙو ساڳيو هار فيبروريءَ جي آخر تائين لڀي ويو، ته هيءُ هار چوٽيهه هزار فرئنڪن ۾ واپس ٿي سگهندو.

پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان موسيولائنريءَ وٽ ارڙهن هزار فرئنڪ موجود هئا. هن باقي رقم قرض کڻڻ جو ارادو ڪيو.

هن هزار فرئنڪ هِن ماڻهوءَ کان، پنج سؤ هُن کان، پنج هن کان، ٽي هن کان، ته ڀ هن کان اڌارا وٺي، باقي رقم به پوري ڪري ورتي، انهيءَ ڪم لاءِ هن ڪنهن قرضدار کي هٿ اکري رسيد لکي ڏني، ڪنهن وياج خور کي پنهنجون خدمتون پيش ڪيون ۽ هڪڙا ڏکيا شرط قبوليا، ته ڪنهن سان ٻيا ڏکيا شرط قبوليا. مطلب ته هن سڄي زندگي قرضدارن وٽ ڳهه رکي، عزت کي خطري ۾ وڌو. ۽ جوهريءَ کان

ڇٽيهه هزار فرئنڪن ۾ نئين هار خريد ڪرڻ لاءِ، ايندڙ وقت جي مصيبتن ۽ روحاني تڪليفن سهڻ لاءِ تيار ٿيو.

جڏهن مادام لائنري، مادام فوريستيءَ ڏي اهو هار کڻي وئي، ته هن چيو ته ”بهتر هو ته تون اهو هار مون کي اڳ ۾ ڏئي وڃين ها.“

مادام لائنريءَ دٻلو کوليو. ڪيس ڊپ هو ته متان مادام فوريستي نئون هار سڃاڻي نه وٺي ۽ مٿس ڌوڪي ڪرڻ جوئي الزام ڪڻي هڻي.

مادام لائنريءَ کي هاڻي غربت ۽ تنگ دستيءَ واري زندگي گذارڻي پيئي. پر هن ڏاڍيءَ همت سان اهي تڪليفون سنيون. ڇوته ڪيس خبر هئي ته اهو خوفناڪ قرض به ته آخر ڪيس ئي ادا ڪرڻو هو.

نوڪر ڪڍي ڇڏيائون. مٿيون گهر ڇڏي هيٺيئين طبقي تي هڪڙو معمولي ڪمرو مسواڙ تي ورتائون.

مادام کي هاڻي خبر پيئي هئي ته گهر ۽ خاص ڪري بورچيخاني جون ذميداريون ڪيڏو نه مشڪل ڪم آهي. ٿالهين، ڪئنن ۽ ديڳڙن کي پنهنجن ڳاڙهن ننهن سان گسائي ماڃيندي هئي، ميرا ڪپڙا پاڻ ڌوئيندي هئي ۽ پاڻ سڪائيندي هئي. گهر جو گند ڪچرو پاڻ ڪڻندي هئي. گهر جو پاڻي به پاڻ ڀريندي هئي. پاڻيءَ جي بالٽي کڻي جڏهن ڏاڪڻ تي چڙهندي هئي، ته هرهڪ ڏاڪي تي بالٽي رکي، ساهه کڻندي هئي، هڪ غريب عورت جهڙو لباس پائي، هوءَ ڀاڄي، گوشت، پساريءَ ۽ ميوي واري وٽ هٿ ۾ ٽوڪري کڻي ويندي هئي: ۽ هڪ هڪ پئسي لاءِ ڏهه ڏهه ڀيرا اڳهه پڇندي هئي.

هر مهيني ڪين ڪنهن نه ڪنهن قرضدار کي تازي رسيد لکي ڏيڻي پوندي هئي. ڪنهن کي قرض جو ڪجهه حصو ادا ڪرڻو پوندو هون ۽ ڪنهن کي مدي وڌائڻ لاءِ التجا ڪرڻي پوندي هين.

موسيو لائنري وري شام جي وقت دڪاندارن وٽ انهن جي ليکي چوکي جي ڪتابن لکڻ لاءِ ويندو هو. گهڻي رات گذري وڃڻ کان پوءِ گهر موٽندو هو ۽ هن کي اهڙا ٻيا به معمولي پيسن تي ڪم ڪرڻا پوندا هئا.

اهڙيءَ زندگيءَ ۾ هنن جا ڏهه سال گذري ويا. ڏهن سالن کان پوءِ هُنن سيني قرضدارن جو قرض ادا ڪري ڇڏيو. مادام لائنري هاڻي هڪ پوڙهي عورت نظر اچي رهي هئي. غريب خاندان جي عورتن وانگر هاڻي پورهيت بنجي ويئي هئي. سندس وار ڳنڍيون، ڳوڙها ۽ منجهيل رهندا هئا. سندس هٿن جو رنگ ڪارو ٿي ويو هو. هاڻي ڳالهائيندي هئي ته به کهري آواز ۾. ڪڏهن ڪڏهن سندس مڙس اچا آفيس ۾

هوندو هو ته هوءَ دريءَ ۾ ويهي، انهيءَ گذريل شام جي تصوير اکين اڳيان آڻيندي هئي، جڏهن هوءَ ڏاڍي سهڻي هوندي هئي، ۽ مڙس هر هر سندس سونهن جي ساراهه ڪندو هو.

هڪڙي آچر جي ڏينهن سڄي هفتي جي ٿڪائيندڙ ڪم مان واندي ٿي، دم پٽڻ ۽ تازي ٿيڻ خاطر هو ٻاهر سير ڪرڻ ويئي، ته اوچتو سندس نظر هڪ عورت تي پيئي، جا پنهنجي ٻار کي هوا خوريءَ لاءِ ٻاهر ڪڍي آئي هئي. اها مادام فوريستي هئي. جيڪا اجا تائين نوجوان، سهڻي ۽ وڻندڙ هئي.

مادام لائزي کان هڪدم ڇرڪ نڪري ويو، ۽ هوءَ سوچڻ لڳي ته هوءَ پنهنجي پراڻي ساهيڙيءَ سان ملي يا نه ملي! کيس خيال آيو ته هاڻي جڏهن ته مان سڄو قرض لاهي چڪي آهيان، هار واري راز کي مادام فوريستيءَ کي ٻڌائڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي!

هوءَ وٽس ويئي ۽ چوڻ لڳي، ”مادام آداب!“

مادام فوريستي کيس سڃاڻي نه سگهي. هوءَ حيران هئي ته هڪ غريب عورت کيس اهڙي دوستاڻي ۽ حجتائي انداز ۾ ڪيئن مخاطب ٿي رهي آهي! هن هٻڪندي پڇيو، ”مادام.... مگر..... تو مون کي سڃاڻڻ ۾ غلطي ته نه ڪئي آهي...؟“

”نه، مان مادام لائزي آهيان.“ مادام فوريستي چوڻ لڳي، ”منهنجي پياري! تون ڪيئن ايڏو بدلجي وئي آهين؟“

”ها، جڏهن کان مون توسان گذريل ملاقات ڪئي، انهيءَ وقت کان وٺي، اڄ تائين طرح طرح جون مصيبتون ۽ مشڪلاتون اچي مٿان پيون ۽ اهي سڀ تنهنجي ڪري!“

”منهنجي ڪري!_ اهو وري ڪيئن_؟“

”توکي ياد هوندو ته هڪ پيري مون توکان موتين جو هڪ هار هڪ دعوت ۾ وڃڻ لاءِ اڌارو ورتو هو؟“

”ها، بلڪل مون کي ياد آهي.“

”ها، سو اهو مون کان ڪٿي وڃائجي ويو هو.“

”اهو ڪيئن؟ تون اهو واپس ته ڏئي وئي هئينءَ!“

”اهو بلڪل ساڳئي نموني جو هار هو، جيڪو مون توکي موٽائي ڏنو هو، ۽ گذريل ڏهن سالن کان وٺي اسين هار جو قرض ادا ڪندا رهيا آهيون. توکي خبر آهي ته اسان وٽ ڪو پيسو نه هو، انهيءَ ڪري ايڏي

وڏي رقم ادا ڪرڻ اسان لاءِ ڪو سولو ڪم نه هو... پر نيت قرض ادا ٿي ويو ۽ هاڻي مان ڏاڍي خوش آهيان.“

مادام فوريستيءَ ڪجهه هڪبي چيو، ”تون چوين ٿي ته منهنجي هار جي عيوض تو مون کي موتين جو هار آڻي ڏنو هو؟“

”ها، ها، تو اهو ڏٺو ڪونهي؟ اهو بلڪل اهڙوئي آهي.“

مادام فوريستيءَ تي ڄڻ غشي اچي ويئي ۽ مادام لائنريءَ جا ٻيئي هٿ جهلي چوڻ لڳي، ”منهنجي معصوم لائنري! پر منهنجو هار ته نقلي هو، انهيءَ جي قيمت ته وڌ پنج سو فرئنڪ ٿيندي!“

# ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ

## مترجم: غلام نبي ميمڻ

# ٽي سوال



ڪنهن بادشاهه کي هڪڙو ڏينهن ويٺي ويٺي، خيال آيو ته مون کي جيڪڏهن اهو معلوم ٿي وڃي ته ڪهڙو ڪم سڀني کان وڌيڪ وڏو ۽ اوچو آهي ۽ اهو ڪم ڪهڙن ماڻهن سان گڏجي ڪرڻ کپي ۽ اهو ڪم ڪهڙي وقت ڪرڻ گهرجي، ته مون کي جيڪر ناڪاميءَ جو الڪوئي نه رهي. اهو سوچي هن پنهنجي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريو ته جيڪو به شخص منهنجن ٽن سوالن جا صحيح جواب ڏيندو، انهيءَ کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

پهريون سوال هي آهي ته ڪنهن به ڪم جي شروع ڪرڻ لاءِ سڀ کان سٺي گهڙي ڪهڙي آهي؟ ٻيو هي آهي ته اُهي ڪهڙا سٺا ماڻهو آهن، جن کان سواءِ ڪم ڪار نٿو هلي سگهي؟ ۽ ٽيون سوال هي ته سڀني ڪمن کان اهو ڪهڙو وڌيڪ ضروري ڪم آهي؟ جنهن ڏانهن پهرين ڌيان ڏنو وڃي.

ماڻهو پنهنجي پنهنجي سمجهه مطابق انهن سوالن جا جواب ڏيڻ لڳا. پهرئين سوال جي جواب ۾ ماڻهن چيو ته ڪنهن به ڪم شروع ڪرڻ جو مناسب وقت انهيءَ نموني تمام آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهي ٿو ته سڄي سال بلڪ سال جي هر مهيني ۽ هر هڪ ڏينهن جو پروگرام اڳ ۾ ئي تيار ڪري ڇڏجي، ۽

پوءِ انهيءَ پروگرام جي پابندي اهڙيءَ طرح ڪئي وڃي، جيئن انسان انهيءَ ڪان ترِ جيترو بہ هيڏي هوڏي نہ ٿئي. ڪي ماڻهو چوڻ لڳا تہ اڳ ۾ ئي اِنهيءَ ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ڪهڙو ڪم ڪيڏيءَ مهل شروع ٿيندو ۽ ڪيڏيءَ مهل ختم ٿي ويندو. ها، انسان کي گهرجي تہ جو بہ ڪم ڪري پوري ڌيان سان ڪري، ۽ اجاين ڪمن ۾ پئجي، ڌيان کي ٻئي طرف ڦيرائي نہ ڇڏي. ڪن سياڻن کي اها ڳالهہ بہ نہ وڻي، ۽ چوڻ لڳا تہ بادشاهہ چاهي ڪيڏي بہ خيال سان ڪم ڪري، پر هن لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي تہ ڪهڙي وقت ڪهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري بهتر اهوئي آهي تہ بادشاهہ پاڻ ڪنهن فيصلي ڪرڻ بدران ڏاهن ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪري.

انهيءَ تي ڪن ماڻهن چيو تہ ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙو بہ ڪم پوي ٿو، جو ڪنهن ڪان صلاح وٺڻ جي مهلت ئي نٿي ملي. انسان کي خود گهڙي پلڪ ۾ ڪو نہ ڪو فيصلو ڪرڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري ڪيس اڳ ۾ ئي تيار رهڻ گهرجي. انهيءَ ڪان سواءِ آئندي جو حال رڳو جوتشي ۽ نجومي ئي ٻڌائي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري جوتشين ڪان پڇي پوءِ ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهڻ گهرجي.

ٻئي سوال جي باري ۾ بہ ماڻهن ڪيترائي جدا جدا رايا ڏنا. ڪن ماڻهن چيو تہ بادشاهہ جي مددگارن يعني سرڪاري عملدارن ڪان سواءِ ڪو ڌنڌو هلي نٿو سگهي. ڪي ماڻهو چوڻ لڳا تہ بادشاهہ لاءِ نجومين ڪان مدد گهرڻ ضروري آهي. ڪي ماڻهو چوڻ لڳا طبيبن ڪان سواءِ بادشاهت بيڪار آهي. گهڻن ماڻهن تہ ائين بہ چيو تہ سپاهين ڪان سواءِ ڪو بہ ڪم هلي نٿو سگهي، ڇوتہ حڪومت انهن جي تلوارن جي سهاري قائم رهي ٿي.

جڏهن اهي ماڻهو ٻن سوالن جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ ظاهر ڪري، ٽئين سوال تي آيا، تڏهن وري گوڙ ۽ هل مچي ويو. ڪن ماڻهن چيو علم سکڻ سيکارڻ سڀ ڪان ضروروي ڪم آهي. ڪن چيو تہ فوج کي ويڙهائڻ جو ڍنگ سڀ ڪان سنئو ضروري ڪم آهي. ڪي چوڻ لڳا تہ سڀ ڪان سنئو ڪم تہ خدا جي عبادت آهي.

جواب ڏيڻ وارن ۾ ايترو تہ اختلاف هو، جو بادشاهہ جي دل ڪنهن ڳالهہ تي نہ ٻيٺي ۽ انهن مان ڪنهن هڪ کي بہ انعام جو حقدار نہ سمجهيو ويو.

انهيءَ بادشاهه جي ملڪ ۾ هڪڙو اهڙو درويش رهندو هو، جنهن جي دانائيءَ جي شهرت پري پري تائين پکڙيل هئي. بادشاهه اهوئي مناسب سمجهيو ته درويش جي خدمت ۾ پهچي، کانئس اهي سوال ڪيا وڃن.

اهو درويش بستيءَ کان دور هڪڙي جهنگ ۾ رهندو هو. انهيءَ جهنگ مان هن ڪڏهن به قدم ٻاهر نه رکيو هو.

اميرن ۽ بادشاهن سان ملڻ هن کي پسند نه هو. فقط عام رواجي ماڻهو هن سان ملي سگهندا هئا. انهيءَ ڪري بادشاهه بادشاهي پوشاڪ لاهي، ٿلها ڪپڙا پهريا ۽ درويش سان ملڻ ويو. بادشاهه درويش جي جهوپڙي کان ٿورو پرڀرو هو، ته گهوڙي تان لهي پيو، ۽ پنهنجي محافظ کي اتي ئي ڇڏي، پاڻ اڪيلو جهوپڙيءَ ڏانهن وڌيو.

درويش انهيءَ وقت پنهنجي باغيچي ۾ ناليون کوٽي رهيو هو. هن بادشاهه جي قدمن جو آواز ٻڌي، ڪنڌ مٿي کنيو ۽ هن کي سلام ڪري، وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. درويش سنهڙو، سڪل ۽ ڏاڍو ڪمزور هو. هو انهيءَ وقت زمين کوٽي مٽيءَ کي اٿلائي رهيو هو؛ پر گهڻيءَ محنت سبب هو سهڪي رهيو هو.

بادشاهه سندس ڀرسان بيهي چوڻ لڳو، ”اي ڏاها درويش! مون کي ٽن سوالن جا جواب گهرجن جيڪي هي آهن:

1_ اهو ڪهڙو وقت آهي، جو ڌيان ۾ رکيو وڃي، جيئن انهيءَ جي گذري وڃڻ تي انسان کي پڇتائڻو نه پوي؟

2_ ڪهڙا ماڻهو دنيا لاءِ تمام ضروري آهن، جن سان ملڻ گهرجي؟

3_ ڪهڙا ڪم نهايت ضروري ۽ اهم آهن، جيئن سڀ کان پهرين انهن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي؟

درويش خاموشيءَ سان بادشاهه جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو، پر هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو؛ ۽ وري زمين کوٽڻ لڳو. بادشاهه چوڻ لڳو، ”اي درويش! تون ٿڪجي پيو آهين، انهيءَ ڪري مون کي بيلچو ڏي ته مان تو تنهنجي مدد ڪيان. درويش مهرباني مڃي، ويهي رهيو ۽ بادشاهه زمين کوٽڻ لڳو ۽ ناليون ٺاهي، بادشاهه بيهي رهيو، ۽ پنهنجا سوال دهرايائين. درويش ڪو به جواب ڪونه ڏنو؛ ۽ اٿي بيلچي ڏانهن هٿ ڊگهيري چوڻ لڳو، ”هينئر تون دم پٽ ۽ مون کي ڪم ڪرڻ ڏي.“ پر بادشاهه چپ چاپ

زمين کوٽيندو رهيو. اهڙيءَ طرح ٻه ڪلاڪ گذري ويا. هاڻ سج لهي وڻن جي اوٽ ۾ اچي ويو هو. بادشاهه بيلچو زمين ۾ هڻندي چيو:

”اي ڏاها درويش، مان توکان پنهنجن سوالن جا جواب پڇڻ آيو آهيان. جيڪڏهن تون انهن جا جواب ڏيئي نٿو سگهين، ته صاف صاف چئي ٻڌاءِ ته جيئن مان پنهنجي گهر هليو وڃان؟

درويش چيو، ”ڪو ماڻهو هيڏانهن ڀڄندو پيو اچي، هلي اچ ته ڏسون ته اهو ڪير آهي.“

بادشاهه مڙي ڏٺو ته ڪيس هڪڙو ماڻهو جنهن کي ڏاڙهي رکيل هئي، جهنگ مان ڀڄندو نظر آيو. هن جا ٻيئي هٿ سندس پيٽ تي رکيل هئا، ۽ انهن مان رت وهي رهيو هو. بادشاهه جي پرسان پهچي، اُهو ماڻهو ڪِري پيو. هن پنهنجون اکيون ڪنيون ۽ ڪنجهڻ لڳو. بادشاهه درويش جي مدد سان ان جا ڪپڙا لاٿا ته ڪين هڪڙو وڏو زخم ڏسڻ ۾ آيو. بادشاهه انهيءَ زخم کي ڌوئي، انهيءَ کي پنهنجي رومال سان ٻڌي ڇڏيو، پر رت بند ئي نٿي ٿيو. بادشاهه ڪيترائي ڀيرا پٽي ڇوڙي، زخم کي ڌوتو ۽ پوءِ ٻڌو. آخر رت بيهي ويو. زخميءَ کي هاڻي ڪجهه ڪجهه هوش اچڻ لڳو هو. هن پاڻي گهريو. بادشاهه ڀڄندو ويو ۽ ڀر واري چشمي تان پاڻي ڪٽي آيو. سج هينئر لهي چڪو هو ۽ هوا ۾ ڪافي ٿڌ هئي. بادشاهه ۽ درويش ٻيئي انهيءَ زخمي کي کٽي جهوپڙيءَ ۾ آيا ۽ هن کي درويش جي هنڌ تي سمهاري ڇڏيائون. هنڌ تي سمهڻ سان ئي هن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ ڪيس ننڊ اچي ويئي.

بادشاهه ايترو ته ٿڪل هو، جو هو دڪيءَ تي ويٺي ويٺي، اوجهراٽيون ڪائڻ لڳو ۽ اتي ئي سمهي پيو. اونهاري جون راتيون ننڍيون ٿينديون آهن. سڄي رات هن پاسو به ڪونه ورايو. صبح جو جڏهن سندس اک کلي ته گهڻي تائين اها ڳالهه سندس سمجهه ۾ نه آئي ته مان ڪير آهيان ۽ هي ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو جو هنڌ تي ستي ستي مون کي گهوري رهيو آهي: اهو ڪير آهي!

بادشاهه هن ڏانهن ڏٺو ته زخمي جهيڻي آواز ۾ چوڻ لڳو، ”مون کي معاف ڪر.“ بادشاهه چيو، ”تو منهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ جنهن لاءِ معافي گهرين ٿو! مان ته توکي سڃاڻان به ڪونه.“

هو چوڻ لڳو، ”تون مون کي ڪونه سڃاڻين، پر مان توکي سڃاڻان ٿو. مان تنهنجو دشمن آهيان، ڇو ته تو منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرايو آهي ۽ منهنجي ملڪيت ضبط ڪرائي آهي. مون توکان بدلي وٺڻ جو قسم کنيو هو. انهيءَ ڪري جڏهن مون کي خبر پيئي ته تون اڪيلو هن درويش سان ملڻ آيو آهين، تڏهن مون توکي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مون خيال ڪيو ته جڏهن تون هتان موٽندين ته وجهه وٺي

توتي حملو ڪندس. پر سڄو ڏينهن انهيءَ انتظار ۾ گذري ويو. آخر مان اها جاچ ڪرڻ لاءِ نڪتس ته تون ڪٿي آهين، ته تنهنجي محافظ مون کي سڃاڻي، مون تي حملو ڪيو. مان زخمي ٿي وٺي ڀڳس. پر گهڻي رت وهي وڃڻ سبب مون ۾ طاقت اصل ڪانه رهي، ۽ جيڪڏهن تون پٽي ٻڌي رت کي بند نه ڪرين ها، ته مان مري وڃان ها. مون توکي خون ڪرڻ ٿي چاهيو، پر تو ته منهنجي جان بچائي ورتي. هاڻي جيڪڏهن مان جيئرو رهيس، ته تنهنجو وفادار غلام رهندس ۽ منهنجو اهل اولاد به منهنجي پيروي ڪندو رهندو.“

بادشاهه اهو ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو ته هن پنهنجي جاني دشمن کي دوست بنائي ڇڏيو آهي. هن انهيءَ کي معاف ڪري ڇڏيو. ڪيس چوڻ لڳو،”تنهنجي ملڪيت توکي موٽائي ڏني ويندي ۽ منهنجو طبيب ۽ منهنجا نوڪر جلدي اچي هن جهوپڙيءَ مان توکي ڪڍي، تنهنجي گهر پهچائيندا.“

بادشاهه پوءِ اتان موڪلائي، جهوپڙيءَ مان نڪتو ۽ سندس نگاهون درويش کي ڳولي رهيون هيون. ڇو ته هن وڃڻ کان اڳ ۾ هڪ ڀيرو وري به درويش کان پنهنجن سوالن جا جواب وٺڻ ٿي گهريا. درويش پنهنجي باغيچي ۾ نالين جي پرسان گوڏن ڀر ويٺو هو ۽ ٻج ڇٽي رهيو هو. بادشاهه ان وٽ ويو ۽ چيائين، ”اي ڏاها درويش! مان توکان آخري ڀيرو پنهنجن سوالن جا جواب پڇڻ گهران ٿو؟“

درويش سڌو ٿي ويٺو ۽ چوڻ لڳو ته ”توکي ته پنهنجن سوالن جا جواب اڳ ۾ ئي ملي چڪا آهن.“

بادشاهه حيران ٿي پڇيو، ”اهو وري ڪيئن؟“

درويش وراڻيو، ”اها ته سڌي ڳالهه آهي ۽ تون اڃا تائين ان کي پرجهي ۽ پروڙي نه سگهيو آهين؟ جيڪڏهن ڪالهه تون منهنجي ڪمزوريءَ تي ترس ڪائي منهنجي مدد نه ڪرين ها ۽ هتان يڪدم واپس هليو وڃين ها، ته تنهنجو دشمن واٽ تي توتي حملو ڪري ها. انهيءَ جي معنيٰ ته سڀ کان سٺو ۽ مبارڪ وقت اهو ئي هو، جڏهن تون منهنجي هٿ مان بيلچو وٺي، زمين کي کوٽڻ لڳين. تنهنجي لاءِ مان سڀ کان ضروري انسان هوس. ۽ مون سان نيڪي ڪرڻ تنهنجي لاءِ سڀ کان ضروري ۽ اهم ڪم هو. پوءِ جڏهن تنهنجو دشمن ڀڄندو ڀڄندو، ٿي آيو ته سڀ کان سٺي گهڙي اها هئي، جڏهن تون ان جي رت بند ڪرڻ جون تدبيرون ڪري رهيو هئين. ڇو ته جيڪڏهن تون ان جي زخم کي نه ٻڌين ها، ته هو توسان صلح ڪرڻ کان سواءِ مري وڃي ها. انهيءَ وقت تنهنجو دشمن تنهنجي لاءِ سڀ کان ضروري شخص هو ۽ تو ان سان جيڪو سلوڪ ڪيو اهو سڀ کان ضروري ۽ اوچو ڪم هو. انهيءَ ڪري ياد رک

تہ سڀ کان ضروري ۽ سٺو وقت اهو آهي، جيڪو گذرندو پيو وڃي، جنهن کي اسين سڀ ’هينئر يا هاڻي‘ چوندا آهيون. جنهن جو ٻيو نالو ”حال“ بہ آهي. اهو انهيءَ ڪري سٺو ۽ ضروري وقت آهي، ڇوتہ اسان کي انهيءَ گهڙيءَ ۾ پنهنجو پاڻ تي اختيار هوندو آهي. سڀ کان ضروري ماڻهو اُهو آهي، جنهن سان اُن وقت تنهنجو واسطو پوي - ۽ سڀ کان ضروري ڪم اِهو آهي تہ تون اُن سان نيڪي ڪرين.“

## ٽالسٽاءِ

## مترجم: غلام نبي ميمڻ

# ٽي نصيحتون

ڪنهن زماني ۾ ”سمن“ نالي هڪڙو موچي پنهنجي ڪٽنب سان هڪ ٻنيءَ تي رهندو هو. سندس ڪمائي ايتري ته ٿوري هوندي هئي، جو پاندي پوري ڪانه پوندي هُيس، ۽ گهٽو ڪري انگ اگهاڙو ۽ پيٽ بکيو گذاريندو هو. ويچارن ڪي ٻه ويلا هوندا هئا ته ٽيون ويلو لنگهڻ تي ويٺا هوندا هئا. پهرڻ لاءِ رڍ جي کل جو ڪوٽ هُئن، جو زال مڙس ٻيئي واري وٽيءَ تي پيا پائيندا هئا. پر هاڻي ته اهو به اڃي ڦاٽو هو، ۽ ڪين نئين خريد ڪرڻ جي طاقت ڪانه هئي. انهيءَ ڪري پيٽ کي مٽيون ڏيئي، ڪجهه پاڇي پيا ڪندا هئا. جڏهن هنن وٽ ٽي روبيل گڏ ٿيا ۽ 5 روبيل ۽ ويهه ڪوپڪاسن گراهڪن وٽ اوڌر به هين، تڏهن اهي ٽي روبيل ڪٽي پنهنجي زال جو ڪڙتو، جيڪو جوڙس شوق منجهان شاديءَ تي ٺهرايو هو، سو پهري، خريد ڪرڻ لاءِ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري، هن ڳوٺ ڏانهن رخ رکيو. واٽ تي پهه پچائيندو ٽي ويو ته اجهو ٿو گراهڪن کان اوڳڙ ڪري، اچي ٿو ڪڙتو ٺهرايان. پوءِ مان ۽ منهنجي زال ٻيئي ڇٽا سياري ۾ پيا پائينداسون.“

اهي پور پچائيندو، آخر اچي ڳوٺ ۾ پهتو. پهرين هڪڙي قرضيءَ جو دروازو کڙڪايائين ته ان جي زال نڪري آئي، جنهن چيس ته اسان کي تنهنجي پئسن جي ڏاڍي اون آهي_ منهنجو مڙس ٻاهر آهي ۽ هفتي کن کان پوءِ ايندو. اچي ته توکي گهر ويٺي پيسا اچي پهچائي ويندو.“ وري آيو ٻئي قرضيءَ جي در تي_ جتان به کيس جواب مليو ته ”هن مهل پئسي جي ڏاڍي تنگي آهي، ۽ حال ويهه ڪوپڪاسن آهن، سي وٺي وڃ؛ باقي رقم به جنهن مهل ٿي وئي، اوڏيءَ مهل توکي گهر ويٺي ڏئي ويندا سون.“ اهو حال ڏسي، سمن ڏاڍو پريشان ٿيو. وري خيال ڪيائين ته ڏسان ته من اوڌر تي کل ملي وڃي سو رڙهي اچي کلن واري سان اوڌ تي کل وٺڻ جي ڳالهه ڪيائين. کلن واري منهن گهنجائي چيس ته ”ادا! وقت ڏاڍو خراب آهي، اوڌر اوڳاڙڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. چڱو ٿيندو ته پئسا کڻي پوءِ اچي شئي پسند ڪري وٺي وڃ.“ سمن ويچاري کي ويتر ڳڻتيون کڻي ويون. لٽ پٽ تي هٽي چيائين ته ”ها کهڙو وقت

اڇي ويو آهي! هاڻي ڪريان سو ڪريان ڇا، سياري جو سيءُ ته اسان کي سڪائي ڇڏيندو. خير، آءُ ته وري به مڙس ماڻهو آهيان، پر ويچاري 'جوڊينا' ڪيئن ڪندي.“ اهي پور پچائيندي، اڇي هڪڙي گتي وٽ پهتو. هي ته اڳ ۾ ئي هو پريشان، سو ٽپ ڏيئي گتي تي چڙهيو ۽ ويهه ڪوپڪاسن جيڪي قرضيءَ وٺان مليا هئس، سي به کپائي ڇڏيائين. مزي سان شراب پِي، پوءِ گهر جي واٽ ورتائين. واٽ تي ڇا ڏسي ته ديول جي اڳيان هڪڙي اڇي شئي پيئي آهي. پهريائين ڀانيائين ته ڪو پٿر هوندو. پر وري خيال آيس ته ايڏو وڏو پٿر اتي ڪٿان آيو! سمجهيائين ته شايد اڇي ڳئون آهي. پر جيئن ئي ٿورو اڳتي وڌيو ته ڏٺائين ته منهن به ماڻهوءَ جهڙو اٿس- تنهن تي منجهي ٻيهي رهيو. سوچيائين ته شايد هن کي ڪو ڦري ماري، هيئن اگهاڙو ڪري ويو آهي. انهيءَ ڪري خوف ٿيس ته جيڪڏهن هن جي پرسان ويندس، ته مون ۾ شڪ آڻيندا ۽ ڪٿي گرفتار نه ڪري وٺن! سو مُنجهي ٻيهي رهيو ۽ پنهنجو رستو وٺي وڃڻ لڳو. اڃا ٻه چار وکون مس کنيائين، ته ڏٺائين ته اهو ماڻهو پٺ جي ٽيڪ ڇڏي، ڏانهنس وڌي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هراسجي ويو. ڇي، هيءَ الائي ڪهڙو اسرار آهي. متان ڪٿي مورڳو مون تي حملو نه ڪري. پوءِ هو سوچڻ لڳو ته اڳتي وڌان يا بيهان. اتي وري يڪدم خيال آيس ته اڙي سمن! هي ڇا، توکي انسان جي اولاد کي هن حال ۾ ڏسي ڪو قياس ئي نٿو پوي. تو وٽ ڪا ملڪيت ته ڪانهي، جا ڦري ڪٽي ويندو. بي همت ڇو ٿيو آهين! وڌي وڃي واهر ڪرينس. خدا پاڻ ڪونه فرمايو آهي ته پلجنڊڙ کي دڳ لڳائڻ ثواب جو ڪم آهي. ڏسين ڪونه ٿو ته هي ويچارو نانگو سيءَ ۾ پيو ٺڙڪي!“ ائين دل کي آٿت ڏيندو، وڌي هن وٽ ويو. ان کي جاچي ڏسڻ سان پتو پيس جو ان کي ڪوبه ڌڪ جو نشان نظر ڪونه آيو. هو رڳو سيءَ جو سُڪايل هو. هن جڏهن سمن کي ڏٺو، تڏهن ڪنڌ مٿي ڪٽي نهاريائين. هو شڪل جو سُهڻو، قد جو قداور ۽ بدن جو ٺاهوڪو هو، ۽ سج وانگر پئي چمڪيو.

سمن کي رحم اچي ويو، سو پنهنجو ڪوٽ لاهي، هن کي پارايائين، ۽ بن جو بوٽ جيڪو ڪيس مرمت لاءِ مليو هو، سو به هن کي پارايائين. دل پئي چيس ته جيڪر ٽوپي به لاهي، هن کي ڏيان، پر پوءِ خيال آيس ته 'سيءُ' آهي گهڻو، جنهن ڪري ٽوڙهه کي سڪائي وجهندو، ڇو ته آءُ به آهيان صفا گنجو، هن کي ته مٿي تي وري به وار آهن.

سمن هن کان پڇيو ته ”اي دوست، ٻڌاءِ ته سهي ته تون آهين ڪير، ڪٿي جو ويٺل آهين ۽ تنهنجو اهڙو حال ڪيئن ٿيو آهي.“

هن وراڻيو ته مون کي ڪا خبر ئي ڪانهي. مان هن ديس جوئي نه آهيان. باقي پنهنجي هن حال جو مان خود جوابدار آهيان. ٻئي ڪنهن به مون کي ڪونه ستايو آهي. هيءُ مون کي منهنجي ارڏائي ۽ اڻنگائيءَ سبب سائينءَ سزا ڏني آهي."

تنهن تي سمن چيس ته "يلا، هل ته هلي ڪنهن اجهي هيٺ ٿيون. هتي ته سيءُ سڪائي وجهندو. جيڪڏهن هلڻ جي همت نه هجئي ته هيءُ منهنجي لٺ وٺ ۽ انهيءَ جي آڌار تي پير پير ۾ کڻندو هل. پر دوست ٿورو ڪل ته سهي. خاموش ڇو آهين؟"

هاڻي اهو جوان ڇُريو پُريو، ۽ وک وک کڻندو، سمن سان گڏجي هلڻ لڳو. واٽ تي سمن چيس ته "اي جوان، انگ ۽ پيٽ ته توکي ضرور گهرجي؟" تنهن تي هن وراڻيو ته "انهن ٻنهي جي مون کي ڪا ڳڻتي ڪانهي." سمن کي ڏاڍو عجب لڳو ته هي جوان ڏسڻ جو ٺاهوڪو، ڳالهائڻ به فضيلت وارو اٿس ۽ ڪو چور يا لچ به ڪونه ٿو ڏسجي، پوءِ به هي پنهنجي باري ۾ ڪجهه نٿو ٻڌائي. انهيءَ جو مطلب ڪهڙو!

جڏهن ست پنڌ ڪيائين، تڏهن سمن کي سيءُ اچي سوگهو ڪيو، ڇو ته بت تي رڳي هڪڙي قميص هيس ۽ شراب واري گرمي به گهٽجي وئي هيس. گهر جي جيئن ويجهو ايندو ويو، تيئن اچي ڳڻتيءَ ورايس ته "هي ڇا، مان سِڱن لاءِ ويو هوس، پر موٽيس ته ڪن به ڪپائي موٽيس! ڪَل ته ڪَل جي ماڳ، مرڳي هيءَ هڇا وٺيو پيو وڃان. خبر ناهي ته هاڻي 'جوڊينا' مون سان ڪهڙي جٽ ڪندي!"

جوڻس گهر جو سڄو ڪم ڪار لاهي ڇڏيو هو. هوءَ طبيعت جي سا تکي هوندي هئي، پر دل جي ڏاڍي صاف هئي. همٿ ۾ مردن جهڙي هئي. ٻارڙن کي ڪارائي پياري، گهر جي سپ اون پلي، مڙس جي ماني چلهه جي پرسان پاٽ هيٺان ڪٽي رکيائين. پوءِ ويٺي سندس قميص کي ڳنڍ ٽوپو ڏيڻ، اِتي سندس دل ۾ عجيب عجيب خيال اچڻ لڳا ۽ سوچڻ لڳي ته الائي ڇو دير ڪيائين! وري آهي به ويچارو اٻوجهه، ڪير چويس ته فلاڻي جي پڳ ۾ اُٺ ته به اعتبار اچي وڃيس. سڄا اَٺ روبيل ٿيندس. ڪٿي هٿ وارو ٺڳي نه وڃيس، شل خير سان موٽي!

اتي در کڙڪيو ۽ جوڊينا اٿي در کوليو. مڙس سان هڪڙي اوپري ماڻهوءَ کي ڏسي، حيران ٿي وئي، ۽ چيائينس ته "هيءَ ڪهڙي مصيبت پاڻ سان آندي اٿيئي؟" في الحال ته سمن کچيس به ڪونه: ڳالهه دل ۾ رکيائين. هو ٻيئي وڃي اندر ويٺا. جوڊينا جڏهن غور سان ڏٺو، تڏهن خبر پيس ته ڌاريو ماڻهو اگهاڙو آهي. ڪڙتو پاتل اٿس سو به مون وارو! سو ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيس. ڇي، هن جو مطلب ڇا

آهي؟ هن سمجهيو ته اڄ سمن شايد ڪٿي ڦُرجي ويو آهي. شراب جي ڊپ جا اچي ٿي، سو شايد هن نانگي سان گڏجي؛ ڏاڍا نشا پتا ڪري؛ پئسا ڪپائي آيو آهي. وري آهي به هٿين خالي، ڪل به ته ڪانه اٿس!

اتي سمن رڙ ڪري زال کي چيو ته جيڪي تيار هجي سو ڪڍ اچ. ” جوڊينا ڪاوڙ ۾ چيس ته ” هتي ڪا نوڪرياڻي ويهاري ويو آهين ڇا؟ ويو آهين ڪل وٺڻ، سو ڪل ته ڪل جي ماڳ اٽلو هيءَ مصيبت ساڻ گهلي آيو آهين! ڪڙتو به منهنجو پاتو اٿس. ڪيڏانهن ويا اهي پئسا؟ مارايا. هھڙا تهڙا، هيڏي ڏي پئسا. ڪو حياءُ شرم به ڪونه ٿيئه. جو شراب پِي مست ٿي آيو آهين گهر؟ اسين، جو هت پيا بکن ۾ پاهه ٿيون. لتو به پورو انگ لاءِ ڪونه اٿئون، ۽ تون آهين، جو وتين پئسا شراب ۾ وڃائيندو! ”

ويچاري سمن پئسا ڪڍي ڪٽي جوڊينا کي ڏنا. چيائينس ته ”اوڏر ۾ ته رڳو ويهه ڪوپڪاسن مليا. سو انهن جو شراب پيتو اٿم. اجايو آپي ڪان ٻاهر نڪري نه وڃ! ” هيءُ ويچارو غريب ديول وٽ ٿڌ ۾ پيو هو. جيڪڏهن هن کي انهيءَ حالت ۾ اتي ڇڏيو هليو اچان ها، ته اها ڪا انسانيت آهي؟ ”

جوڊينا پئسا وٺي، سمن کي ويچارا ڏيندي، در ڏانهن هلي وئي. اُتي جو ميڪائيل کي ڏٺائين، سو وري مڙس تي اچي ڪاوڙي، چي، مارايا، اهو به ڪونه ويچاريئه ته هن اگهاڙي کي گهر ۾ اندر ڪيئن ٿو وٺي اچان. جنهن کي ڪلهي تي به ڪپڙو ڪونهي؛ نڪو وري ٿو ٻڌائي ته ڪير آهيان ۽ ڪٿي جي بلا آهيان! ”

سمن کيس سمجهايو ته ”جوڊينا!، مان کيس لاچاري حالت ۾ هتي وٺي آيو آهيان. تنهنجي به مون کي اڳ ۾ ئي خبر هئي، پر هڪڙي انسان کي سيءَ ۾ سڪندو ڏسي، جيڪڏهن ان تي رحم نه ڪيان ها، ته خدا جي دربار ۾ ڏوهاري ٿيان ها! ” اِتي جوڊينا ميڪائيل ڏي نهاريو ۽ هن جو نماڻو حال ڏسي، کيس به ڪهل آئي. هڪدم پاٽ هينان ماني ڪڍي، آڻي هنن جي اڳيان رکيائين. سمن ميڪائيل کي پاڻ سان گڏ ويهاري، ماني کائڻ شروع ڪئي. جوڊينا وري وڃي قميص کي ٽوپو ڏيڻ لڳي.

ظاهري ته هن ٽوپو پئي ڏنو، پر سندس سڄو ڌيان ميڪائيل ڏي هو. ماني کائڻ کان پوءِ ميڪائيل سامت ۾ آيو. منهن مٿي ڪري، جوڊينا ڏي نهاري، مرڪي ڏٺائين. جوڊينا کي دل ۾ پيار اچي ويو. يڪدم اٿي مڙس جي هڪڙي قميص ۽ هڪڙي پراڻي ڪانچ ڪٽي آڻي پائڻ لاءِ ڏنائينس.

سيئي سمهي پيا، پر جوڊينا کي ننڊ اصل نہ آئي. دل ۾ چوڻ لڳي تہ کهڙي نہ مورک آهيان، جو ماني تہ ڏنيسونس پر ڪپڙا بہ ڪڏي آڻي ڏنامانس! هينئر تہ گهر ۾ ڪجهہ بچيو ئي ڪين. سپاڻي تہ ڏاڍي تعدي ٿيندي! سمن جيڪو سندس پير ۾ ستل هو، تنهن کي بہ ننڊ ڪانہ هئي. جوڊينا مڙس کي چيو تہ "سمن! مون ماني تہ سڀ ڪپائي ڇڏي. سپاڻي لاءِ تہ ڪجهہ ڪونہ بچيو آهي. هاڻي تہ ويلي تي وهڻو پوندو؟"

سمن چيس تہ "پياري الڪو نہ ڪر! خدا رزاق آهي. جنهن ساهہ ڏنو آهي، سو گراهہ بہ ڏيندو. سپاڻي جي ڳڻتي هينئر نہ ڪر. مڙئي چڱي ٿي پوندي ۽ پاسو ورائي سمهي پئُ." ويچاريءَ اکيون تہ گهٽيئي ٻوٽيون پر ننڊ وري بہ نہ آيس. سو وري مڙس کي چوڻ لڳي، "سمن، جوان تہ ٺاهوڪو آهي. سونهن بہ ڏاڍي اٿس." وري چوڻ لڳي، "اسين تہ سيني سان پيا چڱا هلون، پر اسان کي تہ خدا جي نالي ڪو پڇي بہ ڪونہ ٿو!" سمن ڏاڍو ٿڪل ۽ ننڊاکڙو هو، سو چيائين تہ "جوڊينا! خدا جي واسطي هاڻي تہ ماٺ ڪري سمهہ، منهنجي ننڊ تي ڦِٽائين."

صبح ٿيو، جوڊينا سويل ئي اٿي، پاڙي مان مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ ويئي. سمن ۽ ميڪائيل بہ جاڳيا هئا، پر ٻارڙن کي اڃا ننڊ هئي.

سمن ميڪائيل کان پڇيو تہ "ميان! ڪو هنر ڄاڻين؟" ميڪائيل وراڻيو تہ "مون کي افسوس آهي، مان ڪوبہ ڪم ڪونہ ڄاڻان". تنهن تي سمن چيس تہ "انگ ۽ پيٽ تہ سيکنهن کي ڪپي. جيڪڏهن تون ڪجهہ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجين تہ اهي ٻيئي توکي مان ڏيندس." ميڪائيل وراڻيو تہ "مان ڪم ڪرڻ لاءِ تہ هردم تيار آهيان، پر تون مون کي اهو سيکار." سمن هن کي جُتين ٺاهڻ جو ڪم سيکارڻ لڳو. ميڪائيل اهو ڪم ٽن ڏينهن ۾ ئي اهڙو تہ سکي ويو، جو چڻ تہ سندس وڏن جو ڌنڌو ئي اُهو هو.

ٿوري وقت ۾ سندس نيڪي ۽ ناموس ايتري تہ ٿي وئي، جو پري پري جا ماڻهو بہ کَهي اچي سمن کي ڪم ڏيندا هئا، ۽ هو سکيو ۽ آسودو ٿيڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن هڪڙو وڏيرو ٻن نوڪرن سان گڏجي سمن جي در تي آيو ۽ سڏ ڪري پڇيائين تہ "هن گهر جو مالڪ ڪٿي آهي؟" سمن ڏانهنس وڌيو ۽ جهڪي سلام ڪيائين. وڏيري چيس تہ "اسان کي هڪڙو سٺو بوٽ کپي، جنهن جي سلائي سهڻي، سٽي ۽ مضبوط هجي، جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن

مهينا جهلي. اهڙو بوٽ تون ٺاهي سگهندين؟ مون انهيءَ لاءِ چمڙو به ڏاڍو بهترين ويهه روبيل ڏيئي ورتو آهي.“

سمن، ميڪائيل کي ميچ ڏيئي، چيو ته ”ڪيئن ٿو پائين!“ هن خاطري ڏنيس ۽ وڏيري کي چيائين ته ”سائينجن جي حڪم پٽارندر بوٽ تيار ڪيو ويندو. جيڪڏهن اهڙو نه هجي ۽ توهان کي پسند نه اچي، ته سائينجن جيڪا سزا مقرر ڪندا اها قبول آهي.“ تنهن تي وڏيري نوڪرن کي چيو ته ”چمڙو ڪڍي ڏيوس، ۽ منهنجو بوٽ لاهيو ته ماپ وٺي.“ سمن اجا ماپ وٺي رهيو هو ته وڏيري جي نظر وڃي ميڪائيل تي پئي. سمن کان پڇيائين ته ”هي سامهون وارو جوان ڪير آهي؟“ سمن وراڻيو ته ”سائين، هي منهنجو ڪاريگر آهي.“

وڏيري آخر ۾ وڃڻ وقت به سمن کي تاڪيد ڪندي چيو ته ”جيڪڏهن بوٽ سال کان هڪ ڏينهن به گهٽ هليو يا ڏنگو ڦڏو ٿي ويو، ته ياد رک ته جيل ڏيکاريندوسانءِ.“ اهو سڄو وقت ميڪائيل وڏيري کي ڏسندو ۽ سندس گفتگو ٻڌندو رهيو. ميڪائيل اهڙي نموني وڏيري کي ڏسي رهيو هو، ڄڻڪ وڏيري کي نه بلڪ وڏيري جي پويان ڪو ٻيو شخص بيٺل هجي، انهيءَ کي ڏسندو هجي. ميڪائيل، نهاريندي، نهاريندي، اوچتو ئي اوچتو مرڪي ڏنو، جنهن تي وڏيري چيس ته ”اڙي بيوقوف! خبر ڪانه ٿي پوئي ته ڪير بيٺو آهي، جو احمقن جيان ڏند ڪڍي پيو ڏيکارين؟ خبردار ويهن روبيلن جي ڪل آهي، جي اها زيان ٿي ته تنهنجو چمڙو لاهيندس.“ ميڪائيل جواب ڏنو ته ”حضور! خاطري ڪج!“

وڏيرو بوٽ پائي وڃڻ لڳو. وڏيرو قد جو تمام ڊگهو هو، سو جيئن ئي در مان نڪتو ٿي، تيئن ئي در جي چانئٺ سان وڃي ٽڪريو. ڏڪ ڏاڍو ڪاپاري لڳو هوس، سو پڻ پڻ ڪندو، گاڏيءَ ۾ چڙهي گهر ڏانهن ويندو رهيو. سمن چيو ته ”کهڙو نه زبرو مڙس آهي! ڏڪ لڳس ته در جي چوڙ ئي ڄڻ ڇپي ويس، پر تڏهن به پرواهه ئي ڪانه هُيس.“ جوڊينا اتي چيو ته ”پلا، جي اٽاسا تي نپنا هوندا، سي اهڙا نه ٿيندا ته ٻيو ڇا؟ موت به اهڙن کان پيو پري ڀڄي.“

سمن پنهنجي ڪاريگر کي سڏي چيو ته ”ميان! ڪم مڙئي خيال سان ڪجانءِ. ڪل به سٺي آهي ۽ مزوري به چڱي ملندي. وڏيرو ڏٺئہ ته ڪهڙو نه رڏيءَ وارو هو. ڏس متان ڪم خراب ڪري ڇڏين ۽ مصيبت متان اچي وڃي!“ سمن، ائين چئي، وڃي پنهنجي ڪم کي لڳو. ميڪائيل به ڪل ڪٽي، انهيءَ

کي ڪپي ڪوري لڳو بوٽ ٺاهڻ. جوڙينا، جا اُتي ئي ميڪائيل جي سامهون ويٺي هئي، تنهن جڏهن ميڪائيل کي بوٽ ٺاهيندي ڏٺو تڏهن حيران ٿي ويئي ته هي ٺاهي ڇا ٿو!

ڇي، مون سڄي عمر سمن کي بوٽ ٺاهيندي ڏٺو آهي، پر هيءُ ته ڪو نمونوئي ٻيو آهي. وري جو ڪٽي ڏسي ته سيبو به ڪَچو اتي وائڙي ٿي ويئي، پر ڪچيائين ڪونه. هاڻي سمن به اچي ويو. ميڪائيل کي بوٽ ٺاهيندي ڏسي، زمين پيرن هيٺان نڪري ويس. حواس ئي گم ٿي ويس. ڇي، شايد هن جو مٿو خراب ٿيو آهي. سڄا ٻارهن مهينا مون وٽ ڪمايو اٿائين، پر ڪڏهن به اهڙو ناداني جو ڪم نه ڪيائين. اڄ خبر نه آهي ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي! سوچيائينس ته "اڙي ميڪائيل! هي ڇا پيو ٺاهين؟ تو ته منهنجي لاءِ ظلم ڪري ڇڏيو. وڏيرو ته منهنجي کل لاهي ڇڏيندو. مزوريءَ جا ڏهه روبيل ته ڇتا، پر کل جا پئسا به تاوڻ پيا. اهڙي کل مون کي ملندي ڪٿان؟"

ايتري ۾ ساڳيو نواب جو نوڪر آيو ۽ سمن کي چيائين ته "سائڻ حڪم ڏنو آهي ته بوٽ نه ٺاهجو. نواب صاحب گذاري ويو. اسان اجا گهرئي نه پهتاسون، ته گاڏيءَ ۾ دم ڏنائين. هاڻي انهيءَ کل مان اهڙو بوٽ ٺاهي ڏيو، جو ميت جي ڪم اچڻ جهڙو هجي." ميڪائيل ته اڳ ۾ ئي بوٽ تيار ڪري رکيو هو، سو بوٽ ۽ بچيل کل کڻي وڏيري جي نوڪر کي ڏيئي روانو ڪيائين.

اِتي ميڪائيل کي پريا ڇهه سال گذري ويا؛ پر هن ڪڏهن به ڪنهن ڏانهن اک کڻي نه نهاريو. هميشه صبر ۾ رهندو هو. سمن کي به هن جي پورهئي مان ڪافي بچت هئي، ۽ هن جي هجڻ ڪري ڪم ۾ ڏاڍي هٿي اچي ويس. انهيءَ ڪري ميڪائيل کان ڪڏهن به نه پڇيائين ته ڪير آهين ۽ ڪٿي وينو آهين، ڇو ته ڪيس ڊپ هو ته متان ڀڄي نه وڃي.

هڪڙي ڏينهن گهر جا سڀ ڀاتي جهوپڙيءَ ۾ وينا هئا. سمن جو پٽ دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هو. ۽ ڏنائين ته هڪڙي مائي به ٻار ساڻ وٺيو پئي اچي. ميڪائيل کي سڏي چيائين ته "هي ڏس ته سهي، هڪڙي مائي پئي اچي؛ به ٻار به اٽس جن مان هڪڙو منڊڙو آهي!" ميڪائيل يڪدم ڪم بند ڪري، دريءَ کان ٻاهر ليئو پائي ڏٺو. سمن، جو ميڪائيل کي اوچتو ڪم ڦٽو ڪري، دريءَ ڏانهن پڄندو ڏٺو، سو ڏاڍو حيران ٿيو. سوچيائين ته سڄا سارا ڇهه سال مون وٽ رهيو آهي، پر ڪڏهن به دهلن جي آواز تي به رڳو ڪنڌ مٿي ڪري نه نهاريائين. سو اڄ يڪدم هيئن ڪم ڇڏي، دريءَ ڏانهن پڄندو ويو آهي، تنهن جو مطلب ڇا؟ اجا اِهوئي ويچاري رهيو هو، ته مائي به متان اچي نڪتي.

سمن ڪينڪار ڪري، مائيءَ کان پڇيو ته ”ڪم ڪار ٻڌاءِ؟“ مائيءَ چيس ته ”هي ٻه جاڙا ٻار آهن، سندن پير به هڪجيڏا آهن: پر هڪڙي ڳالهه آهي، جو هڪڙي جو هڪڙو پير ڊگهو آهي. سو تي پير ماپ ۾ هڪجيڏا هجن، انهيءَ ڪري ٽن پيرن جو ڪاڇو جدا وٺو، ۽ هڪڙي مڙيل پير جي جدا ماپ وٺو.“
سمن ٻارن جي پيرن جي ماپ وٺي، مائيءَ کان پڇڻ لڳو ته ”هن ٻار جو پير ڪيئن مُڙيو، ڇائي ڄم جو اهڙو مڙيل آهي يا پوءِ مڙيو آهي؟“ مائيءَ وراڻيو ته ”جنهن مهل هن ٻار جي ماءُ پرڏيهه پڌاريو ٿي، تنهن مهل پاسو ورائيندي، هن ٻارڙي جي مٿان اچي پيئي، جنهنڪري پير مڙي ويس.“ اتي سيني مائيءَ کي غور سان ڏسندي، پڇيو ته ”ڇا، هي ٻيئي ٻار تنهنجا ڄڻيل آهن؟“ مائيءَ جواب ڏنو ته ”نه، هي ٻيئي ٻار منهنجا سڱ ۾ ڪجهه به نه ٿين.“ تنهن تي جوڊينا پڇيس ته ”ٻار تنهنجا به نه آهن، تنهن هوندي به سندن سنڀال اهڙي ٿي ڪرين، جو ڪو پنهنجن ڄڻين جي به نه ڪري!“ تنهن تي مائيءَ وراڻي ڏنيس ”جي پيٽ ڄاوا نه اٿم ته نپايل ته اٿم. چوندا ڪونه آهن ته ڄم کان نيپاج وڏيڪ آهي، ۽ هينئر مان هنن کي ايترو گهرندي آهيان: جيترو مون پنهنجي پيٽ ڄڻيل کي به نه گهريو. جيڪو رب سائينءَ بخشي، پوءِ ورائي ورتو!“ تنهن تي مائيءَ کان پڇڻ لڳا ته ”پلا هي ڪنهن جا ٻار آهن؟“ اتي مائيءَ هيٺيون بيان ڪري ٻڌايو:
اٽڪل ڇهه سال کن ٿيندا ته منهجي پاڙي ۾ هڪڙو هاري رهندو هو. هڪڙي ڏينهن هو ڪاٺيون ڪرڻ ويو ۽ اوچتو ڪنهن وڻ تان ڪِري پيو. کيس اهڙو ته ڌڪ لڳو، جو يڪدم مري ويو. ان جي مرڻ کان ٻه ڏينهن پوءِ، سندس زال کي هي ٻه جاڙا ٻار ڄاوا. ويم جي ٽئين ڏينهن صبح جو سويل مان سندس سنڀال لاءِ ان جي گهر ويس، ته مائيءَ اڳ ۾ ئي دم ڏنو هو. مون وٺي هاءِ گهوڙا مچائي، جنهن تي پاڙي وارا پڄندا آيا. مون کي سيني چيو ته هنن يتيمن جو ته هاڻي ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي، توکي ٻار ٽٽين به آهي، انهيءَ ڪري تون ئي ڪٺي هنن کي نپاءِ، جيسيتائين اسين هنن جو ٻيو ڪو بلو ڪيون. مون يڪدم ڪٺي ٻارن کي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ هن کي به پنهنجي سڪيلڏي سان گڏ ٿڃ پياريم. پهريائين ته هن جڏڙي ڏي پورو ڌيان ڪانه ڏيندي هُيس، ڇو ته سمجهيم ته جلدئي مري ويندو: پر پوءِ وري خيال آيم ته جيستائين جئرو آهي، تيستائين هن جي ٿڃ روڪڻ جو مون کي ڪهڙو حق آهي. انهيءَ بي خياليءَ کي گناهه سمجهي، هن کي به ٻين سان گڏ ڌارائڻ لڳيس. خدا جو شان ته ڏسو، جو ٽڻن ۾ ايترو

تہ ڪير اچي پيو، جو ٽي ٻار پي ڏؤ ڪندا هئا، پر پوءِ بہ ڪير پيو وهندو هو. منهنجي مڙس جي ڪمائي بہ هنن جي ڀاڳين وڌي ويئي، ۽ اسان جو گذران بہ سکيو ٿيڻ لڳو.

ٽن سالن کان پوءِ تہ منهنجو پٽڙو تہ گذاري ويو. انهيءَ کان پوءِ تہ مان هنن کي پنهنجي ساهہ سان سانديان ٿي، ۽ هنن کان سواءِ هڪ پل بہ رهي نٿي سگهان. مائي ائين چئي، ويندي رهي.

اها ڳالهہ ٻڌيءَ جوڊينا جهڙي شوخ مزاج زال جي دل بہ پرجي آئي، ۽ چيائين تہ ”کهڙي نہ قدرت جي جوڙ آهي! ماءُ پيءُ کان بہ برابر هو وڏيڪ آهي. اسان مورک ماڻهو رڳو پنهنجو پنهنجو ڪري پيا خوش ٿيون-!“

اِتي ميڪائيل اٿي سمن وٽ آيو ۽ هٿ ٻڌي چيائين تہ ”مون کان جيڪا بہ خطا ٿي هجي، تنهن لاءِ مون کي معافي ڏي. مان ڏسان ٿو تہ سائينءَ منهنجي خطا معاف ڪئي آهي، هينئر مان موٽي پنهنجي وطن ويندس.“ اُهو سڄو وقت ميڪائيل سج وانگر چمڪي رهيو هو. اتي سمن کي پڪ ٿي ويئي تہ هيءُ ڪا ٻي شئي آهي، سو يڪدم سندس پيرن تي ڪِري پيو، ۽ چيائين تہ ”سچ پچ، تون هڪ پهتل ٻانهو آهين، ۽ توکي هاڻي اختيار آهي، جيڏانهن وڻئي اوڏانهن هليو وڃ. توسان سوال جواب ڪرڻ اجايو آهي. پر وڃڻ کان اڳ ۾ هي ٽي ڳالهيون مون کي سمجهائيندين، تہ مان تنهنجو احسانمند رهندس.



پهرين تہ جڏهن مان توکي پاڻ سان وٺي آيو هوس، تہ منهنجي زال توکي ماني ٽڪي ڪارائي هئي ۽ توکي ڪپڙا آڻي ڏنا هئا؛ تڏهن تون مرڪيو ڇو هو؟ ٻي هيءَ تہ جڏهن وڏيرو مون وٽ آيو هو، تہ تو ٻيو

پيرو مرڪيو هو، ۽ ٽيون ڀيرو جڏهن هيءَ مائي ٻارن سان آئي، تڏهن بہ تو مرڪيو. انهن ٽن ڀيرن مرڪڻ جو مقصد ڇا آهي؟"

ميڪائيل چيس تہ "چڱو، هاڻي ٻڌ: مان اصل ۾ فرشتو آهيان. خدا مون کي هڪڙي ڏينهن ڪنهن عورت جو روح قبض ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. جڏهن آءُ اتي پهتس تہ ٻہ ڇوڪر ان عورت جي ڀرسان ستل هئا. مائي منهنجي اچڻ جو مقصد سمجهي وئي، سو مون کي هٿ ٻڌي آزي نيزاري ڪري، چيائين تہ منهنجو روح قبض نہ ڪر ۽ مون کي ڪجهہ مهلت ڏي. هي يتيم ويچارا در در ڀٽڪي مري ويندا، ڇو تہ سندس پيءُ بہ ٻہ ڏينهن اڳ ۾ مري ويو آهي. پوءِ هاڻي تون ئي ڪڇي مون کي ٻڌاءِ تہ هنن جي پرگهور ڪير ڪندو؟ مون کي مائي تي رحم اچي ويو، سو ٻيئي ٻار سندس سيني سان لڳائي واپس موٽيس. رب پاڪ، جيڪو پنهنجي ٻچهن کي پاڻ ڄاڻي ٿو، جڏهن انهيءَ جي سامهون ويس تہ مون کي ننديائين ۽ حڪم ڏنائين تہ هڪدم منهنجو فرمان بجا آڻ، ۽ انهيءَ مان تون ٽي سبق سکندين: پهريون تہ انسان ڪنهن جي آڌار تي گذارين ٿا، ٻيو تہ ماڻهوءَ ۾ ڇا آهي، ۽ ٽيون تہ ماڻهوءَ کي ڇا ڏنل آهي ۽ ڇا کان بيخبر آهي. مان موٽي هيٺ آيس ۽ پنهنجي خالق جي فرمان موجب عورت جو روح قبض ڪري آسمان ڏانهن موٽيس تہ واٽ تي منهنجا پر ڪپجي ويا. روح مون کا ڇڏائجي، سڌو سائينءَ ڏانهن هليو ويو، ۽ مان زمين تي اچي ڪِريس. انهيءَ وقت سردي تمام سخت هئي، ۽ مان اگهاڙو هوس، سو سيءَ اصل سڪائي وڌم. هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيم تہ ڪٿي ڪا جاءِ ڏسڻ ۾ اچي تہ اتي وڃي پناهہ وٺان. پري کان هڪڙي ديول ڏسڻ ۾ آئي. رڙهي اتي پهتس: تہ ڏٺم تہ انهيءَ کي ڪلف ڏنل هو. ڏاڍو عجب لڳم تہ خدا جو گهر اچ بند ڇو آهي! مجبور ٿي، ڀت کي ٽيڪ ڏيئي، ويهي رهيس. ايتري ۾ پري کان ڪو ايندي ڏٺم، جنهن کي ڏسي، مون کي هراس وٺي ويو. ائين پئي چيائين تہ "هيل ڏاڍا سيءَ پيا آهن، تڏ سڪائي ڇڏيو آهي. پيٽ جو پورائو ئي مس ٿو ٿئي، سو ڪپڙو ڪٿان ٿيندو!"

انسان جي اهڙي دکدائڪ حالت ڏسي، ڏاڍو دلگير ٿيس، ۽ دل ۾ چيم هيءُ ٿيو پنندڙن کان پنڻ، سو هن سڪڻي کان ڪهڙي مدد گهران. انهيءَ ڪري ماٺ ۾ رهيس. هو ڏسي، ڏڄي ويو ۽ يڪدم نظرن کان اوجهل ٿي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ وري آيو ۽ پنهنجو ڪوٽ لاهي، مون کي پاتائين ۽ پاڻ سان وٺي گهر آيو. جڏهن گهر پهتاسون، تڏهن سندس جوءِ اچي مٿي. دل ۾ چيم تہ انسان ۽ حيوان ۾ اجهو اهو فرق

آهي! مڙس انسان ته ڙال حيوان، جنهن ۾ رحم جو ذرو نه آهي! پر پوءِ منهنجي مرڪڻ بعد هن کي کهل آئي، ۽ ڪپڙا آڻي ڏنائين ته ماني به کارايائين. تڏهن الله جي پرتوي جي پهرين ثابتي مليم ته انسان ۾ جيڪو املهه ماڻڪ آهي، سو آهي 'پيار'.

وري جڏهن تنهنجي در تي اهو وڏيرو آيو هو ته مون ڏٺو ته منهنجو دوست سندس پٽيان ڏنڊو تيار ڪيو بيٺو آهي. سمجهيم ته هينئر هن جي آخري گهڙي آهي، پر تڏهن به ڪيئن نه هٽ ۾ وڏائي سان پيئي چيائين ته بوٽ هڪڙو ڏينهن به سال کان گهٽ نه جهلي! جي ڪٿان ٿوپو ٽٽو يا بوٽ ڏنگو ڦڏو ٿيو ته تنهنجي ڪل لاهي ڇڏيندس. تڏهن مون انهيءَ تي مُرڪي ڏٺو ته انسان ڪهڙو نه ويچارو آهي، جنهن کي رب پاڪ ٻيو سڀڪجهه عطا ڪيو آهي، باقي اها ڳالهه قادر پنهنجي وس ۾ رکي آهي، جو ڪيس پنهنجي باري ۾ ڪا خبر ڪانه آهي. اتي سائينءَ جي ٻئي فرمان جو پرتوو پاتم.

انهيءَ کان پوءِ جڏهن هيءَ مائي ٻن ٻارن کي پاڻ سان وٺي تنهنجي گهر آئي، تڏهن صحيح ڪيم ته هي اهي ساڳيا ٻار آهن، جن لاءِ مون کي رحم پيو هو! تڏهن دل ۾ چيم ته خدا جي جوڙ ته ڏس، ڪيڏي نه سندس حڪمت آهي! ڪهڙيءَ طرح نه هن مائيءَ کي انهن يتيمن جو خيال ٿيو ۽ پنهنجي سڪيلڌي جيان سندن پرورش ۽ پالنا ڪيائين. ۽ مان ڪهڙو نه مورک هوس، جو سمجهيم ته جيڪڏهن مان ان مائيءَ جو روح رب جي فرمان موجب ڪڍي ويندس، ته هنن يتيمن جي ڪو پرگهور لهڻ وارو ڪونه هوندو، ۽ هي ويچارا ڏتڙجي مري ويندا! اِتي سائينءَ جي ٽئين فرمان جو پرتوو ڏٺم ته ڪنهن جي آڌار تي ماڻهو هلن ٿا، يعني رب پاڪ جي آڌار تي ۽ پوءِ مرڪي ڏنم.

جيڪا سزا منهنجي ناداني‌ءَ سبب مون کي پوڳڻي هئي سا هاڻي پوري ٿي. اِتي جهوپڙي هڪدم ڦاٽي پيئي ۽ ملائڪ غائب ٿي ويو. پوءِ وري جهوپڙي پنهنجي اصلوڪي صورت اچي وئي.

## موپاسان

## مترجم: غلام نبي ميمڻ

# نوڙيءَ جو ٽڪر

انهيءَ ڏينهن ڳوٺ ۾ ساليانو ميلو لڳو هو. پري اوري جي واهڻن مان هاري ناري، مزور مڙا، ڪمي ڪاسبي، چاڪي ۽ لوهار وغيره ڌڙا ڌڙ ميلي تي پنڌ ويندي نظر پئي آيا. زميندار ۽ ڳوٺ جا سکيا آسودا ماڻهو پنهنجين پنهنجين گاڏين ۾ وجي رهيا هئا، ۽ غريب هاري پنڌ. مردن سان گڏ زالون ۽ ٻار به هئا. مردن جا قدم ڪجهه سست هئا. سڄو ڏينهن پورهيي ڪرڻ سبب سندن چيلهه ۾ معمولي ڪُٻ تي پيو هو. هو هيٺئر به ميلي ۾ ڪجهه وٺڻ – وڪڻڻ جي خيال سان وجي رهيا هئا. ڪي ماڻهو پنهنجو چوپايو مال به ڪاهيو پئي ويا. زالون هٿن ۾ لڪڻ کنيو، مال کي هونگارينديون پئي ويون، ۽ سندن هٿن ۾ ڪاريون هيون، جن مان ڪڏهن ڪڪڙين ۽ ڪڏهن بدڪن ڳچي ڪڍي ٽان ٽان جو آواز ڪري، وري پنهنجي منڍي اندر ڪري تي ڇڏي. زالن جي وک مردن کان وڌيڪ تيز ٿيندي تي ويئي، انهن جي چال مان وڌيڪ خوشي ظاهر ٿي رهي هئي. ٻارڙا انهن سان گڏ ڊوڙندا تي هليا، ڪڏهن انهن کان اڳ نڪري تي ويا، ته ڪڏهن پوئتي رهجي تي ويا.

ڳوٺ جون الهڙ نوجوان ڇوڪريون، ڪل مسخري ڪنديون، ٽن ٽن ۽ چئن چئن جي ٽولن ۾ هلي رهيون هيون، ۽ نوجوان ڇوڪرا گهٽو ڪري پنهنجي پيئرن سان گڏ هئا، جو ته انهن کي رستي ۾ ساڻن گڏ رهڻو هو. پر ميلي جي ڏيک ويک ۾ هونئن ئي هنن کي پيئرن کان الڳ ٿي گهمڻو هو.

ميلي جي وڏي چونڪ ۾ هڪڙو انبوهه هو. ماڻهن ۽ جانورن جي هڪڙي اَڻ کٽ فوج هئي، جا آهستي چرپر ڪري رهي هئي. صرف رڳو هارين نارين جا وڏا وڏا پٽڪا ۽ جانورن جا ڊگها ڊگها سڱ، ۽ زالن جا رنگ برنگي روا ميلي ۾ ظاهر پئي ڏسڻ ۾ آيا. چونڪ ۾ ماڻهن ۽ جانورن جي گڏيل بدبوءِ چوڌاري پکڙيل هئي.

پوڙهو "هچڪورن" اجا هينئر ميلي ۾ پهتو هو. هو اجا چونڪ ڏانهن وجي رهيو هو، ته ڪيس رستي ويندي، هڪڙو ننڍڙو نوڙيءَ جو ٽڪر هيٺ پيل نظر آيو. جيئن پوڙهن جي عادت هوندي آهي ته

جيڪا ٻه شئي ڪم جي ليندي اٿن، سا ڪٽي ونندا آهن. هو ٻه انهيءَ ڪي ڪٽڻ لاءِ ڏاڍي مشڪل سان هيٺ نوڙيو، ڇو ته هو سنڌن جو مريض هو. هن اهو ننڍڙو نوڙيءَ جو ٽڪر زمين تان ڪٽي، ڏاڍي خيال سان ويڙهڻ لڳو، ته هن جي نظر وچي ”ميلاندائن“ نعل ساز تي پيئي، جيڪو ڏانهنس نهاري رهيو هو. ”ميلاندائن“ سان هن جا لاڳاپا تازو ئي خراب ٿي ويا هئا، ڇو ته سندن هڪڙي سودي ۾ جهيڙو ٿي پيو هو. ”هچڪورن“ يڪدم جهڪيو، ڇو ته هن نٿي چاهيو ته سندس دشمن ڪيس زمين تان هڪ ننڍڙو معمولي نوڙيءَ جو ٽڪر ڪڻندي ڏسي وٺي. هن يڪدم نوڙيءَ ڪي واسڪوٽ جي اندرئين ڪيسي ۾ وڌو ۽ زمين تي جهڪي اهڙيءَ طرح نهارڻ لڳو، ڄڻ ته ڪجهه ڳولي رهيو آهي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هو اٿيو ۽ چونڪ طرف روانو ٿي ويو. جلد ئي ميلي جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو.

عورتون پنهنجيون ڪاريون پنهنجن پيرن ۾ رکي، ميدان تي نظارو ڏسي رهيون هيون، ۽ اچڻ وڃڻ وارن ڪي گهوري رهيون هيون. هنن خريدارن ڪي اگهه پئي ٻڌايا ۽ انهن طرفان ڏنل واڪ ٻه پئي ٻڌا، ۽ پوءِ انڪار پئي ڪيائون. جڏهن گراهڪ هليو ٿي ويو، تڏهن يڪدم فيصلو ڪري آواز پئي ڏنائون.”اچو، اچو، وٺي وڃو، ايتري ۾ ئي وٺي وڃو.“ اهڙيءَ طرح هو پنهنجن مڙسن ڪان وڌيڪ وڪري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿي ويون.



چونڪ آهستي آهستي خالي ٿيندو ٿي ويو. جيڪي ماڻهو سوير آيا هئا، سي وڪرو ڪري هينئر واپس وڃي رهيا هئا. هاڻي ميلي جي انهيءَ حصي ۾ ڀيڙ هئي، جتي ڪيل ۽ تماشا ٿي رهيا هئا ۽ ڪاڌي پيتي جا دڪان هئا.

اوچتو ئي اوچتو چونڪ ۾ دهل وڄڻ جو آواز آيو. آواز آهستي آهستي ويجهو ٿيندو ٿي ويو. دهل جو آواز بند ٿيو، ته ڪو ماڻهو پڙهو ڏيئي رهيو هو:

”سيني ماڻهن کي آگاهه ٿو ڪجي ته اڄ صبح جو نوين ۽ ڏهين بجي جي وچ ڌاري، چونڪ جي رستي ۾ ڳوٺ جي ميئر جو ڪاري چمڙي جو ٻٽون گم ٿي ويو آهي. ٻٽوڻ ۾ پنج سؤ رپين جا نوٽ ۽ ڪجهه ضروري ڪاغذ آهن. جنهن کي به هٿ آيو هجي، تنهن کي گهرجي ته اهو يڪدم واپس ڪري؛ انهيءَ کي پنجاهه رپيا انعام ڏنو ويندو.“

پڙهي وارو دهل وڄائيندو هليو ويو. پري تائين اُن جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ماڻهن کي هڪ ڳالهه ملي ويئي، جو ٻٽوڻ جي ملڻ يا نه ملڻ جي واقعي تي بحث ڪرڻ لڳا. هو ماني کائڻ کان پوءِ چانهه پيئڻ لڳا. اهو ساڳيو پير مرد ”هچڪورن“ به چانهه پِي رهيو هو، ته ڪيس ڪنهن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اهو سڏ وارو بلند آواز سان پڪاري رهيو هو ته ”هتي ڪو ’هچڪورن‘ آهي؟“

هچڪورن يڪدم جواب ڏنو، ”ها، مان هتي ويٺو آهيان.“ اُهو هڪڙو سپاهي هو. هن پڇيو، ”هچڪورن، تنهنجو ئي نالو آهي؟“ ”ها، اِهو منهنجو ئي نالو آهي، ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ ”مون سان گڏجي ميئر وٽ هل، هو توسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿو گهري.“ ويچارو هاري حيران ۽ ششدر ٿي ويو. جلدي جلدي هن چانهه پِي ورتي، ۽ سپاهيءَ سان گڏجي، ميئر ڏانهن وڃڻ لڳو. هن جون وڪون سست ۽ ڳريون ٿينديون ٿي ويون. سندس چيلهه صبح کان وڌيڪ جهڪيل هئي، ۽ گوڏن ۾ سور محسوس ڪري رهيو هو. هو پڻ پڻ ڪندو ٿي ويو، ”ميئر مون سان ڳالهائڻ ٿو گهري! ڪهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ٿو گهري؟ يلا، ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي!“

ميئر صاحب پنهنجي آفيس ۾ هڪڙيءَ آرام ڪرسيءَ تي ويهي، هن جو انتظار ڪري رهيو هو. هو طاقتور ۽ ڳنڀير طبيعت جو هو. هن هچڪورن کي ڏسندي ئي سوال ڪيو:

”هچڪورن، اڄ صبح جو توکي ٻٽون ڪٽندي ڏٺو ويو آهي. چا، اهو ٻٽون تو وٽ آهي؟“

هڪڙو ڀالو ڀولو هاري، جو پهرين ئي ڊنل هو، عجيب پريشانيءَ جي عالم ۾ ميئر صاحب کي تڪي رهيو هو.

”چا، ٻٽون؟ مون کنيو آهي؟“

”ها، توکي ڪٽندي ڏٺو ويو آهي.“

”مان قسم ٿو کڻان ته مون اهو ڏٺو به ڪونهي.“

”مگر توکي ته ڪٽندي ڏٺو ويو آهي.“

”ڪنهن ڏنو آهي، ڪير تو چوي ته مون ڪنيو آهي؟“

”ميلانداڻن نعل ساز توکي ٻتون ڪٽندي ڏٺو آهي.“

پوڙهي هاريءَ کي ياد اچي ويو، هو سڀ ڪجهه سمجهي ويو. ڪاوڙ ۾ ان جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. ”هن مون کي ڪٽندي ڏٺو آهي؟ هن نعل ساز! سرڪار، هو ڪوڙو آهي. هن مون کي هيءُ ڪٽندي ڏٺو آهي.“ هن واسڪوٽ جي کيسي مان نوڙيءَ جو ننڍڙو ٽڪر ڪڍي ڏيکاريو.

”هي نوڙيءَ جو ٽڪر، سرڪار! هي نوڙيءَ جو ٽڪر!“

مگر ميئر ڏاڍيءَ بي اعتباريءَ سان ڪنڌ لوڏيو.

”پلا، ڪنهن کي يقين ايندو ته هڪڙو ماڻهو انهيءَ نوڙيءَ جي ٽڪر کي ٻتون سمجهندو! ميلانداڻن هڪڙو هوشيان نعل ساز آهي، ۽ هو پروسي جوڳو به آهي. نوڙيءَ جي هن ننڍڙي ٽڪر ۽ ٻتونءَ ۾ وڏو فرق آهي.“

پوڙهو هاري بيعزتيءَ ۽ ڪاوڙ جي مليل جليل جذبات ۾ ٿڙڪڻ لڳو. ”سرڪار، مان وري به ٿو چوان ته مون جيڪي ڪجهه ٻڌايو آهي، اهو سؤ پئسا سچ آهي. مان پنهنجي سر جو قسم کڻي ٿو چوان ته اهو بلڪل سچ آهي.“

ميئر صاحب ٻڌي اٿٻڌي ڪري چيو، ”تون ٻتون کڻي، وري نوڙئين ۾ زمين تي رپيا ڳولڻ لڳين، ته شايد ڪي رپيا ٻتونءَ مان ڪِري پيا هجن؟“

هاريءَ کي هاڻي جواب لاءِ به لفظ نه ٿي لڌا. هن جي خشڪ نڙيءَ ۾ لفظ اٽڪي رهيا هئا.

”ڪير يقين ڪري سگهي ٿو! پلا، ڪير مچي سگهي ٿو! ڪهڙا ڪهڙا ڪوڙ ڳالهايا وڃن ٿا. رڳو ڪنهن جي عزت وٺڻ خاطر – ڪير پلا، ڪير.....“

هن جي دانهن جو ڪو فائدو نه ٿيو. ڇو ته ڪنهن کي به يقين ڪونه آيو. خود سندس چوڻ تي سندس جهاڙو به ورتو ويو، پر ڪجهه به هٿ نه آيو. ميئر ڏاڍو حيران هو. هن پنهنجن ماڻهن کي وڏيڪ تاڪيد ڪيو ته هو تلاش جاري رکن، ۽ پوڙهي هچڪورن جي معاملي ۾ قانوني صلاح به ڪن ۽ ضرورت سمجهي وڃي ته ڪيس ڪرڻ کان به نه ڪيٻائين.

چئن ئي طرفن انهيءَ واقعي جي خبر باهه وانگر پکڙجي ويئي هئي، ۽ جيئن ئي هو ٻاهر نڪتو ته ماڻهو هن کي گهيري ويا، ۽ هن کان سوالن مٿان سوال پڇڻ لڳا. سڀ ڪيس شڪي نظرن سان ڏسي رهيا هئا.

هچڪورن نوڙيءَ جي ٽڪر جو سچو قصو سيني کي ڪري پئي ٻڌايو؛ مگر ڪنهن کي يقين نٿي آيو. اٿلندو هو مٿس چٿرون ڪرڻ لڳا.

شام ٿي وئي، ۽ هو پنهنجن ٽن پاڙيسرين سان گڏجي پنهنجي گهر موٽيو. موٽڻ وقت رستي ۾ هن انهن کي اُها جاءِ ڏيکاري، جتان هن نوڙيءَ جو ٽڪر کنيو هو. ۽ سچي واٽ هو انهيءَ بابت کين ٻڌائيندو رهيو. ڳوٺ پهچي به هن شروع کان آخر تائين سچي ڳالهه ٻڌائي، پر ڪنهن کي به اعتبار نه آيو. هرهڪ کيس شڪي نگاهه سان ڏسندو رهيو.

هن جي ننڊ حرام ٿي وئي. رات جو آرام سان سمهي نه سگهيو. ٻئي ڏينهن کيس اطلاع مليو ته هڪڙي ڏنار ٻٽون لڌو هو ۽ ان ميئر کي موٽائي ڏنو آهي. سندس هڪڙي پاڙيسريءَ کيس اچي گهر ٻڌايو. هچڪورن پاڻ صبح کان وٺي گهر کان ٻاهر ڪونه نڪتو هو. انهيءَ ڪري هو انهيءَ وقت چونڪ ۾ پهتو ۽ ٿهڪ ڏيئي، ماڻهن کي سچي ڳالهه ٻڌايائين. جنهن جو خاتمو سندس سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جو ثبوت هو. هن سچي ڳوٺ کي اهو واقعو ٻڌايو. پر هن محسوس ٿي ڪيو ته ماڻهو کيس اڃا تائين ڏڪار جي نگاهن سان ڏسي رهيا آهن.

ٻئي ڏينهن هو پر واري ڳوٺ ۾ ويو. اُتي ئي انهيءَ چونڪ ۾ کيس ميلاندائن نعل ساز ڏسڻ ۾ آيو. جنهن هن کي ڏسندي ئي هڪڙو ٿهڪ ڏنو—"چو؟" اڃا هو انهيءَ 'چو' جو جواب ئي ڪونه سوچي سگهيو، ته هڪڙو چاڻو سچاڻو هاري سندس ويجهو آيو ۽ ان سندس پٺيءَ تي ڏاڍيان ٿڦڪي هڻندي چيو، "آهين ڏاڍو چالاڪ!" هچڪورن وائڙو ٿي ويو ته هن ڇا چيو، ۽ چالاڪ چو چيو! انهيءَ حيرانيءَ ۾ اڳتي وڌيو. هو انهيءَ چانهه جي دڪان تي پهتو ۽ ماڻهن کي سچو واقعو ٻڌائڻ لڳو. اوچتو کيس هڪڙي پراڻي دوست سڏيو ته "هيڏانهن اچ! اِها ته هڪڙي پراڻي چال آهي. مان تنهنجي نوڙي جي ڳالهه کي چڱيءَ طرح ٿو سمجهان!"

"پر ٻٽون ته ملي چڪو آهي." هن تيڪ ۾ جواب ڏنو.

"بڪواس بند ڪر ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌ. هڪڙو شخص آهي، جو ڪا شئي لهي ٿو، هڪڙو ٻيو شخص آهي جو ان جي خبر ڏئي ٿو، سمجهيئي؟ تون بهرحال ان سان شريڪ سمجهيو ويندين."

ويچارو هچڪورن اهو ٻڌي دنگ رهجي ويو. کيس پنهنجو گلو خشڪ ٿيندي محسوس ٿيو. هاڻي ڳالهه کي هو سمجهي ويو هو. ماڻهو به سمجهي ويا هئا ته هن پنهنجي شريڪ دوست جي وسيلي ٻٽون

واپس ڪيو آهي. پوءِ چانهه به ختم ڪري نه سگهيو. هو يڪدم اٿيو ۽ پنهنجي ڳوٺ جو رخ رکيائين. هن پنهنجي پٺيان وڏا وڏا ٺهڪ ٻڌا ۽ شرم کان قدم صحيح طور نٿي کڻي سگهيو. هو معصوم هوندي به پاڻ کي ڏوهاري سمجهي رهيو هو.

هو ماڻهن کي پنهنجي صفائيءَ ۾ دليل ڏيئي ٻڌائيندو رهيو. پر هو سوچيندا رهيا ته 'اها سڀ بهاني بازي آهي.' سندس پرپٺ ته ماڻهو هن لاءِ ائين ڏاڍيان به چوندا هئا. هڇڪورن سڀ ڳالهه محسوس ڪندو هو. ۽ بچاءُ ۾ وڌيڪ دليل تيار ڪندو هو. پر سڀ بيڪار. هن کي هاڻي هڪڙي قسم جي سرسامي حالت وٺي ويئي هئي. ۽ مرندي وقت به هو پنهنجي معصوميت ثابت ڪرڻ لاءِ وري وري اهو ئي چوندو رهيو ته:

"نوڙيءَ جو ٽڪر. سرڪار! رسيءَ جو ٽڪر! مون ڀتون نه لڌو آهي. سرڪار! اهو رڳو نوڙيءَ جو ٽڪر هو..."

## عزيز ملڪ

## مترجم: غلام نبي ميمڻ

# پٽيوالو

سليم جو پيءُ سرڪاري ٺيڪيدار هو. هن وٽ پئسي جي ڪمي ڪانه هئي. سليم پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو ۽ دادلو پٽ هو. سندس ناز برادريءَ جو خاص خيال رکيو ويندو هو. جڏهن هن مڊل امتحان پاس ڪيو ته گهر ۾، مبارڪن ڏيڻ وارن جو ميڙ مچي ويو. ائين معلوم پئي ٿيو، ڄڻ ته ولايت مان ڪا تمام وڏي ڊگري وٺي موٽيو هجي. سڄي پاڙي ۾ مٺائي ورهائي ويئي، ۽ ويجهڙن مائٽن کي رات جي مانيءَ جي دعوت به ڏني ويئي. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ سليم جي ماسڙ کانئس پڇيو:

”ڪر خبر ميان سليم! تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟“

”ماسڙ، مان وڪيل ٿيندس.“ سليم جواب ڏنو.

”مان چاهيان ٿو ته تون جيڪر ڊاڪٽر ٿين.“

”توهان جي جيڪڏهن اها مرضي آهي ته ڊاڪٽر ئي ٿيندس.“ سليم وراڻيو.

ٻن سالن کان پوءِ، سليم مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. پر هو وڌيڪ تعليم جاري رکي نه سگهيو. هن جي گهرو حالتن اوچتو اهڙو اچي ڦيرو کاڌو، جو هن جي ڊاڪٽر ٿيڻ واري خواهش دل ئي دل ۾ رهجي ويئي، ۽ هن پنهنجو نالو ڪنهن نوڪريءَ لاءِ ’نوڪري ڏياريندڙ دفتر‘ ۾ داخل ڪرايو. هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ هن کي هڪ ڪارڊ مليو، جنهن ۾ ڪيس ڪلارڪيءَ لاءِ امتحان ۾ ويهڻ لاءِ لکيو ويو هو. هي ان امتحان ۾ ويٺو، پر ناپاس ٿيو. هيءُ وري به ڪلارڪيءَ لاءِ آفيس جا چڪر هڻڻ لڳو، پر هن کي ڪٿي به نه ڪنيو ويو.

لڳاتار ناڪامايبين هن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو هو. هو هر وقت سوچيندو هو ته ڇا، سچ پچ ڪلارڪي ڪا ايڏي وڏي نوڪري آهي، جنهن جي هو لائق نه هوا هن ڪيترن ئي ماڻهن کان اِها ڳالهه پڇي، پر ڪيس ڪوبه پورو جواب ڪٿان نه مليو.

سليم ڪي لاچار ٿي، ڪلارڪيءَ لاءِ ڪنهن وڏي سفارش هٿ ڪرڻ لاءِ ڳولا ڪرڻي پئي. نيٺ هڪ وڏي آفيسر جي سفارش سان سليم ڪي هڪڙي آفيس ۾ ڪلارڪي ملي ويئي. هاڻي ته هن کي يقين ٿي ويو هو ته سچ پچ ڪلارڪي تمام وڏي ڳالهه آهي. نه ته ان لاءِ ايڏي وڏي آفيسر جي سفارش نه ڪرائڻي پوي ها.

هڪ ڏينهن سليم آفيس ۾ ويٺي ڪم ڪيو ته هڪڙو صاحب، بيٺل ماڻهن جي لائين کي چيريندي، هن وٽ آيو. ۽ چيائين :”اي مسٽر! منهنجو ڪم ذرا جلدي ڪري وٺ. مون کي آفيس پهچڻو آهي.“

’اي‘ جو لفظ ٻڌندي ئي، سليم جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا. هن سوچيو ته هي شخص مون کي ’اي‘ چوڻ وارو ڪير ٿيندو آهي؟ مان ’اي‘ ناهيان، پر مرڪزي حڪومت جو ڪلارڪ آهيان. ڪو معمولي ماڻهو ته ناهيان.“ هن، صاحب کي وراڻيو.

”مسٽر، لائين ۾ بيهي، پنهنجي واري جو انتظار ڪر!“

سليم جي ايتري چوڻ تي، صاحب تپي باهه ٿي ويو. ۽ هن، سندس آفيسر کي وڃي شڪايت ڪئي ته هن جي خسيس ڪلارڪ، سندس بيعزتي ڪئي آهي.

سليم کي سندس آفيسر گهرائي، آئندي لاءِ سمجهي قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو. آفيس کان جڏهن سليم گهر آيو، ته هن سوچيو، ”چا، سچ پچ ڪا هن غلطي ڪئي هئي! ٿي سگهي ٿو ته هو ڪو وڏو آفيسر هجي، نه ته معمولي ماڻهو ته سندس خلاف، شڪايت ڪري ئي نٿو سگهي!“



ٿورن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن ڪنهن صاحب جو پٽيوالو پنهنجي صاحب جي سرڪاري ڪم سانگي، سليم وٽ آيو. ۽ سليم ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ، رسيد ۽ بچيل پئسا پٽيوالي کي واپس ڏنا.

سليم وري بہ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. ٿوري وقت گذرڻ ڪان پوءِ ساڳيو پٽيوالو سليم وٽ آيو ۽ چيائينس:

”هي رپيو تو ڪوٺو ڏنو آهي، ۽ مٽي ڏي.“

سليم رپيو مٽي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ۽ چيائين تہ ”مون توکي هي رپيو ڏنو ئي ڪونهي.“ ڳالهہ وڌندي وڌندي، ’تون چا، تون چا‘ تائين وڃي پهتي. جنهن کي سليم برداشت ڪري نہ سگهيو. ۽ چيائينس تہ ”وڃي صاحب کي ٻڌاءِ، باقي مون کي ڪم ۾ رنڊڪ نہ وجهہ.“ تنهن تي پٽيوالو سليم کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو، پنهنجي صاحب ڏانهن راهي ٿيو. ۽ خبر نہ آهي تہ ڪهڙا مرچ مصالحا ڳالهہ ۾ وجهي، سليم جي خلاف وڃي ٻڌايائينس. پٽيوالي جي شڪايت تي آفيسر باهہ ٿي ويو. ڇڻ تہ صاحب کي ڪنهن گهٽ وڌ ڳالهايو هجي، يا ڪنهن چماٽ هڻي ڪڍي هجي.

”هي هڪ معمولي ڪلارڪ. ۽ گاريون ٿو ڏئي منهنجي پٽيوالي کي! سٺ رپين وارو حقير ملازم مون سان ٿو ٽڪر کائي!“ ٻيو بہ خبر نہ آهي تہ ڇا ڇا چوندو رهيو. ۽ سليم خلاف سندس آفيسر کي سخت لفظن ۾ شڪايت ڪيائين.

سليم کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي. سليم خلاف شاهديون بہ مليون. ۽ هن کي سندس آفيسر طرفان سخت تنبيهہ ڪئي ويئي، ۽ ڪيس چيو ويو، ”تون هڪ معمولي ڪلارڪ ٿي ڪري، ايڏي وڏي آفيسر جي پٽيوالي سان ائين ڇو پيش آئين؟ توکي گهرجي تہ تون انهيءَ پٽيوالي کان معافي وٺ، نہ تہ توکي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو.“

اڄ سليم کي ڪلارڪيءَ جي صحيح معنىٰ معلوم ٿي. هن دل ئي دل ۾ چيو، ڪاش! هو ڪلارڪ ٿيڻ جي بجاءِ ڪنهن وڏي آفيسر جو پٽيوالو هجي ها!

## رابندر ناٿ ٽيگور

## مترجم: غلام نبي ميمڻ

# زندگيءَ جو رانديڪو

هو پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان هر روز نوان نوان رانديڪا ٺاهيندو هو. ۽ راجڪماريون انهن رانديڪن سان راند ڪري، پنهنجي دل خوش ڪنديون هيون. هر سال بهار جي موسم ۾ محلات جي وڏي اڱڻ ۾ هڪڙو عاليشان ميلو لڳندو هو. رانديڪن جو ميلو. هن ميلي ۾ ملڪ جا وڏا وڏا ماهر ڪاريگر پنهنجا رنگ برنگي ۽ خوبصورت رانديڪا پيش ڪندا هئا؛ مگر هن جي رانديڪن اڳيان سڀ تڇ لڳندا هئا. سيني کان وڌيڪ هن جا ئي رانديڪا پسند ڪيا ويندا هئا، ۽ انهن کي ئي ساراهيو ويندو هو. جيڪو به ڏسندو هو ته عجب ۾ پئجي ويندو هو. ۽ ساراهه ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو هو.

اتفاق جي ڳالهه آهي، دستور موجب انهيءَ سال به ميلو لڳو ۽ انهيءَ ۾ هڪڙي نئين ڪاريگر ڪشن لال به پنهنجا تيار ڪيل رانديڪا پيش ڪيا. ڪشن لال هڪ سهڻو نوجوان هو. جهڙي سندس جواني نئين هئي؛ اهڙوئي سندس فن به نئون هو. روزانو هو رانديڪا تيار ڪندو هو، پر انهن ۾ ڪانه ڪا خامي ضرور ڇڏي ڏيندو هو. ڪنهن کي اڻپورو ڇڏي ڏيندو هو، ته ڪنهن کي حد کان وڌيڪ رنگ برنگي بنائي ڇڏيندو هو، ته ڪنهن کي وري رنگ ئي ڪونه ڏيندو هو. هر رانديڪي ۾ هڪ نئين ڳالهه هئي. ماڻهو سندس رانديڪن کي ڏسندا هئا ۽ جدا جدا رايا ڏيندا هئا. ڪو چوندو هو، ”اڙي، ڪشن لال جو فن تمام اوچو آهي.“ ڪو چوندو هو ته ”هن جي فن ۾ صفائي ڪانهي.“ ته ڪو وري چوندو هو ته ”اڙي، هن جا اڌورا رانديڪا ئي ته هن جو صحيح فن آهن.“ مطلب ته جيترا هئا وات اوتريون هيون ڳالهيون.

زمانو هر نئين شئي کي پسند ڪندو آهي، ۽ راجڪماريون جن جي نئين جواني هئي، نئين نموني جا رانديڪا پسند ڪرڻ لڳيون. انهن ڪشن لال جي رانديڪن کي پسند ڪيو. هاڻي پراڻي ڪاريگر جي ڏڪندڙ هٿن جا ٺاهيل رانديڪا سندن نظرن تان ڪِرڻ لڳا. اهي دڪانن تي ائين پيا هوندا هئا، جيئن درياهه جي هن پار، ٻيڙيءَ جي انتظار ۾ مسافر ويٺا راهه تڪيندا آهن. هن جي دڪان تي اڳئين وانگر پيڙ ۽ گهڻ گهڻ نه هئي. سندس فن جي اوج جو سج لهي چڪو هو، ۽ افق تي هڪ نئون سج ابري رهيو

هو، اُهو هو ڪشن لال. هو هاڻي عوام جو محبوب فنڪار هو. رانديڪن جي بازار ۾ سندس قسمت جو تارو چوٽ چڙهيل هو، ۽ سيني رانديڪن ٺاهڻ وارن کيس استاد ڪري مڃيو هو.

وقت گذرندو ويو. ڪشن لال جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ناموس ۽ هنرمنديءَ پوڙهي ڪاريگر جي رهيءَ کهيءَ ساک پت ۽ همت کي ختم ڪري ڇڏيو هو. هاڻي هن رانديڪا ٺاهڻ گهٽائي ڇڏيا. هو سڄو ڏينهن ٻڙ جي هڪ وڻ هيٺان ٽٽيءَ ڇانوَ ۾ ويٺو هوندو هو. سامهون سندس ٻني هئي. سونهري رنگ جي سنگن وارو فصل. هو سڄو ڏينهن انهيءَ جي سنڀال سڙي ڪندو هو. جڏهن ڪنهن وقت ويهي ويهي، ڪڪ تي پوندو هو، تڏهن پنهنجا اوزار ڪڍي، رانديڪا ٺاهيندو هو. پر وري کيس خيال ايندو هو ته "منهنجا رانديڪا ته پراڻا آهن. مان پاڻ به پراڻو آهيان. منهنجي دل به پراڻي آهي. هاڻي ماڻهو نيون شيون گهرن ٿا. هو نئينءَ پسند وارا ٿي پيا آهن. ڀلا، انهن پراڻن رانديڪن کي ڪير خريد ڪندو؟"



هن ڪان دانهن نڪري ويندي هئي. هو اوزار ڦٽا ڪري، اٿي ڪڙو ٿيندو هو. هڪ نظر پنهنجن اڌورن رانديڪن تي وجهندو هو ۽ پوءِ زور زرو سان هاهاڪار ڪري، پنهنجي سونهري سنگن واري فصل تان جهار هڪلڻ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. پوڙهي ڪاريگر جي اداسي وڌندي ويئي. هاڻي ته هن جي ڇيلهه به ڇپي ٿي ويئي هئي، ۽ ها، هن کي وقتي ڪنگهه جا دورا به پوڻ لڳا آهن. اها حالت ڏسي، سندس نوجوان ڏوهٽيءَ کان رهيو نه ٿيو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هوءَ پنهنجي پوڙهي ناني کي پيءُ جي جاءِ تي سمجهندي هئي. هو هڪ ڏينهن نچندي ڪڏندي آئي ۽ يڪدم ناني جي هنج ۾ ويهي رهي ۽ ڏاڍي پاٻوهه ۽ پيار سان پڇيائين:

"نانا، تون هر وقت اداس ۽ مايوس ڇو ٿو رهين؟"

"نه ٻچا، نه! مان اداس ڪٿي ٿو رهان."

پوڙهو نانو ڏوهٽيءَ جي انهيءَ اوچتي سوال تي گهٻرائجي ويو.

”نه. نانا تون مون کان لڪائين ٿو. جيڪڏهن تون نه ٻڌائيندين، ته مان توسان رسي ويندس! تون هميشه مايوس، ڏک ۾ ماٺ ۾ رهين ٿو ۽ تو رانديڪا ٺاهڻ ڇڏي ڏنا آهن: آخر ڇو؟“

”ڌيءَ! ڳالهه هيءَ آهي ته هاڻي منهنجي رانديڪن کي ڪوبه خريد نه ٿو ڪري. ماڻهو نيون نيون شيون پسند ڪن ٿا نه! ڪشن لال نوان رانديڪا ٺاهيندو آهي. راجڪمارين کي اهي نئين نموني جا رانديڪا وڏيڪ پسند آهن. محلات ۾ هاڻي ڪشن لال جا رانديڪا ڪپن ٿا، ۽ منهنجا نه!“ پوڙهو سيڪجهه ٻڌائڻ لاءِ مجبور ٿي پيو.

”نانا، تون رانديڪا ٺاهه، مان انهن کي وڪڻڻ وينديس، ڏسان ته ڪير نه ٿو وٺي اُهي!“ شوپا جي لهجي ۾ هڪ چئلينج هئو.

انهيءَ ڏينهن پوڙهي جي ڏوهٽي شوپا منجهند تائين پوک جي سنڀال ڪندي رهي ۽ پوڙهو ڪاريگر، ٿلهن شيشن واري عينڪ چاڙهي، سڄو ڏينهن رانديڪا ٺاهيندو رهيو. ٻئي ڏينهن شوپا انهن رانديڪن کي وڪڻڻ لاءِ ڪٽي ويئي. جڏهن ڪافي دير کان پوءِ موٽي، ته سندس هٿ ۾ چمڪندڙ اشرفي هئي.

”نانا! هي ڏس مان تنهنجا سيئي رانديڪا وڪٽي آيس.“ شوپا هن کي اشرفي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

”تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو ڌيءَ“ پوڙهي، ڏوهٽيءَ کي سيني سان لڳائيندي چيو، ۽ پوءِ هن جي مٿي تي هٿ ڦيري چيائين، ”تون ڪيڏي نه وڏي ٿي ويئي آهين ڌيءَ! جيڪڏهن اهڙيءَ طرح سورهن اشرفيون گڏ ٿي وڃن ته انهن مان تنهنجي شادي ڪندس.“ پوءِ شوپا شرمائجي، ناني جي ٻانهن مان نڪري ڀڄي وئي.

اهڙيءَ طرح ڏينهن گذرندا ويا. پوڙهو ڪاريگر رانديڪا ٺاهيندو هو، شوپا اهي وڪٽي ايندي هئي، ۽ جڏهن سورهن اشرفيون گڏ ٿي ويون، تڏهن پوڙهي چيو، ”اڄ مان ڪيڏو نه خوش آهيان. شاديءَ جو بندوبست نه ٿي ويو، ها، هاڻي رڳو گهوٽ ڳولڻو اهي!“

”مون پنهنجو گهوٽ ڳولي ڇڏيو آهي، نانا!“ شوپا شرمائيندي چيو.

”هان!“ پوڙهي جون اکيون ڦاٽي ويون. ”ڪير آهي اهو؟“

”جڏهن مان توهان جا تيار ڪيل رانديڪا محلات ۾ ڪٽي ويئي هُيس، ته دربان دروازي تي ئي روڪي ڇڏيو، چيائين، انهن رانديڪن کي ڪير خريد ڪندو؟ هي ته پراڻي قسم جا آهن. نانا، مان مايوس ٿي

واپس موٽڻ واري هُيس تہ هڪڙي نوجوان، جو پرسان ئي بيٺل هو، مون کي چيو، ’مون کي ڏي اهي رانديڪا، مان انهن کي رنگ ڏيان، پوءِ هي سڀ وڪامي ويندا.‘ پوءِ مان هر روز محل ۾ ويندي هُيس. اهو نوجوان مون کي اتي ملندو هو. اسان ٻئي انهن رانديڪن کي نيئن نمونې تي رنگيندا هئاسون ۽ پوءِ اهي وڪامي ويندا هئا. مان شاديءَ جو هار انهيءَ نوجوان جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ ٿي چاهيان؟“

شويا سچي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي.

”پر اهو آهي ڪٿي ڌيءَ؟“ پوڙهي حيران ٿي پڇيو.

”هو ٻاهر بيٺو آهي. مان انهيءَ کي سڏي ٿي اچان نانا!“ شويا هڪدم ٻاهر وئي، ۽ وري هڪدم هڪ نوجوان اندر داخل ٿيو. هو ايندي ئي هڪدم پوڙهي جي پيرن تي ڪِري پيو. پوڙهي ڪاريگر سندس مٿي تي هٿ گهمايو ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان وٺي مٿي اٿاريو.

اتي پوڙهي ڪاريگر جو حيرت مان وات ۽ اکيون ڦاٽي ويون، ”ڪشن لال!“ هن ڪان دانهن نڪري ويئي. هن اڳتي وڌي، ڪشن لال کي پنهنجين ٻانهن ۾ آٽي زور ڏنو، ۽ پنهنجي چپن سان سندس پيشانيءَ کي چميو.

”پٽ! تون هڪ ڏينهن طوفان وانگر منهنجي ماٺ ڀري زندگيءَ ۾ آئين ۽ منهنجي ڪاٺ جي رانديڪن کي مون کان کسي وئين، پر اڄ ...... اڄ زندگيءَ جو رانديڪو بہ جهپو هڻي کسي وئين!“

پوڙهي ڪاريگر جو آواز ڳلي ڀريل هو، پر سندس چهري تي هڪ عجيب مرڪ ڪيڏي رهي هئي.

**(پورو ٿيو)**

## پيشڪش : آن لائين ڪتاب گهر

## ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آٽي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

22/05/2014